# سمبارا

(شاعري)

## ساجد سنڌي

### سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڊجيٽل ايڊيشن :

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**





## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **"سمبارا"** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب خوبصورت شاعر، ليکڪ ۽ پبلشر **ساجد سنڌيءَ** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

ساجد منهنجي انهن دوستن مان آهي جن وٽان اڻ ميو پيار ۽ پنهنجائپ ملي آهي، هو موٽ ۾ صرف هڪ مُرڪ گهرندو آهي. مانيٽي پر تخليق ۽ لکڻين ۾ ساگر جهڙي گهرائي رکندڙ ساجد سنڌيءَ وٽ مُرڪن جا خزانا آهن. سندس لکڻين ۽ شاعريءَ ۾ ڪشش آهي، هن جي قلم ۾ جنبش آهي. ساجد سراپا جدوجهد ۽ محبت آهي. سندس هي ڪتاب ان جو ثبوت آهي. منهنجي دوست هجڻ ناتي متان مان سندس تعريف ئي لکان پر هي تخليقون ۽ هي ڪتاب ان جا شاهد آهن.

هي ڪتاب **سمبارا پبليڪيشن حيدر آباد** پاران جون 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري دوست ۽ سنڌ سلامت جي سڄڻ ساجد سنڌيءَ جا جنهن سمبارا پبليڪيشن پاران ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي.

اوهان سڀني دوستن، پيارن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿارن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**







ڪتاب نمبر 50



حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ



| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سمبارا |
| موضوع: | شاعري |
| شاعر: | ساجد سنڌي |
| ڇاپو پهريون: | جون 2017ع |
| ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: | شاهزيب ميمڻ |
| ٽائيٽل ڊزائين: | مجيد سومرو |
| ڪلر پيجز ڊزائين: | رضوان گل |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

سيد آرڪيڊ عبرت گهٽي
گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

مُلهه: 200 روپيا

***SAMBARA***
(***Poetry***)
***By: Sajid Sindhi***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***




## پنهنجي پاران

۽ نيٺ سگريٽ جو آخري ڦلو به ڇڻي ڪري پيو، قلم ڪجهه به لکڻ کان عاري آهي، سوچن جو ڦهلاءُ ڪوري ڪاغذ تي يڪجاءِ ٿيڻ لاءِ تيار ناهي، پٿراليون اکيون ڪيترن ڏينهن کان ننڊ ۽ جاڳ جي جنگ ۾ ريتيون ٿي چڪيون آهن، ڪجهه لکجي، ڪيئن لکجي؟ ڇا لکجي؟ ۽ ڇو لکجي؟، جي وچ ۾ منتشر ذهني پيڙا جو پتو تخليقي رچ مان نڪري سڦلتا سان همڪنار ٿيڻ سان به مطمئن نه ٿئي ته آخري حد خدا جي ڪنهن به تخليق جي معنيٰ ۽ مقصد جي سوچ باقي رهجي وڃي ٿي، نه ته زميني جاندار تخليقون هر پيري اڻ ڪٽ ۽ اڻ پوريون ئي محسوس ٿينديون ۽ شايد اهو تسلسل ابد تائين برقرار رهي. ايوب جو صبر هجي يا يعقوب جي انتظار جي شدت، يوسف جي سونهن هجي يا زليخا جو عشق، هر تڙپ پنهنجي اندر ڪنهن نه ڪنهن تخليق کي ضرور جنم ڏنو هوندو. ان آهه زاري جي صدا ۾ لکل لفظ به ضرور شاعري جي روپ ۾ نوحو بڻجي





اندر کي وڍيندا هوندا يا دعا جي شڪل ۾ رب آڏو زارو قطار روئي سراپا سجود ٿي پنهنجي وڃايل اڌ جي حاصلات جي طلب ۾ پاڻ وڃائڻ لاءِ آتا هوندا ڪجهه ته آهي جو خدا جو ڪلام به پاڻ طرف ڇڪيندڙ، مترنم ۽ سحر انگيز لڳي ٿو. ڀلا "سڀ فنا آ" جي ورد کي ڇو پچارجي؟ هڪ پٺيان ٻئي وجود جي تخليق آخر ڪهڙو سنيهو ڏيڻ پئي اچي. ڪجهه ته آهي جا حاصلات جي تسلسل کي اپاريندي پئي اچي، ڇو ۽ ڇا واري سوال جو جواب ڪٿي ته دنگ ڪندو، پر اهو سڀ ايڏو آسان به ته ناهي، جي ممڪن به بڻجي ته حيات هوند بي چسي ٿي پئي.

جيڪي فراقان، سووصالان نه ٿئي.

اها اڌ ڳولا جي تڙپ ئي آهي جيڪا هڪ نئين تخليق کي جنم ڏئي ٿي ۽ نئين ساز ۾ سوز ڀري ڏياج کي ڪنڌ ڪوري ڏيڻ تي مجبور ڪري ٿي. اسان جي تخليق ته پاڻيءَ جو هڪ ڦوٽو ئي ته آهي. پل پر اڀري پل پر ۾ ڀسم ٿئي. تخليق ته ڪائناتي رنگن ۾ عيان آهي. جنهن جي ساراهه ۾ سمورا لفظ اڻپورا ۽ بي چسا ئي محسوس ٿيندا. دنياوي رشتن ۽ الجهنن ۾ جڪڙيل سماج اندر هڪ تخليقڪار جي تخليق جو ڪهڙو ڇيد ٿي سگهندو. جتي هر هٽ ۾ پٽر جو تصور ذهن ۾ گهنڊ جيان وڄڻ لڳي اتي حقيقي تخليقي عمل جو موت يقيني بڻجي ٿو. پاڻ يوسف جي خريدارن ۾ نانوَ لکرائڻ لاءِ آڱر ڪٽرائڻ جي به سگهه نه ٿا ساري سگهون، ڪنهن جي تخليق سان ڪهڙو انصاف ڪري سگهنداسين.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهه سجود،<br>
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئو.<br>
(شاهه)

سچ ته اهو آهي جو اسان پاڻ کي لطيفي راهه جو راهي سڏائي پنهنجو پنهنجو الڳ رستو جوڙيو آهي، جڻ ڪا منزل



اجهو آئي، اکيون، گهڻن سپنن جي جلد ساڀيان پسڻ گهرن ٽيون، پوءِ پل منافقن جي قطار ۾ سڀ کان اڳ ۾ بيٺل ڇو نه هجون، ها اسان اهڙي سماج جو ئي حصو آهيون. جتي معاشري جي سڌاري لاءِ تخليقڪار جو بي موت مري وڃڻ ڪا معنيٰ نه ٿو رکي، پر پوءِ به اسان لکون ٿا. ڪنهن کي وڻون يا نه وڻون، هر ڪو پنهنجي ڪرت نڀائيندو پيو اچي. ليڪن خاص طور شاعرن جو انگ ڳڻپ کان ٻاهر آهي، هر ڪو پنهنجي رنگ ۽ ڍنگ سان "مين نعره مستانه" جي مستيءَ ۾ گم آهي. ائين ڪٽي چئجي ته پنهنجي سوچ جو دائرو به انهن مڙني مامرن سان ڳڱاٽيل آهي ته غلط نه ٿيندو.

پنهنجي تخليقي پورهئي "تون، مان ۽ خدا" کان پوءِ هن شعري مجموعي "سمبارا" تائين جو سفر انيڪ وارتائن ۽ اندروني پيچ ڊاهه جي اهڙين ڪيفيتن مان گذريو آهي. جنهن کي چاهيندي به قلمبند ڪرڻ کان قاصر آهيان، 12 سالن جي گهر ٻدري ۽ تخليقي پنن جي وڃائجي وڃڻ بعد دوستن جي اسرار هڪ گوشه نشين شاعر کي جنجهوڙي پنهنجي ٻچيل ٻي ترتيب ڪوتائن کي سهيڙڻ تي مجبور ڪيو، سمبارا ۾ شامل ڪوتائون ڪجهه نڪور ۽ اڻ ڇپيل به آهن ته ڪجهه پهرين ڪتاب جون به زينت بڻيل آهن جن مون ناچيز کي هڪ شاعر جي سڃاڻپ ڏني. پنهنجي پهرين مجموعي جي اشاعت ۾ مليل محبتي موٽ جو قرض شايد مان زندگي پر لاهي نه سگهان. ان ڪتاب آڌار مليل محبتن جو پندار پنهنجي وجود مٿان هميشه محسوس ڪيو آهي. هڪ ڏهاڪي کان وڌيڪ سنڌي صحافت کي زندگي ارپيندي تخليق پنهنجو روپ مٽائيندي رهي آهي. سچ ۽ حق جي راهه وک وک تي ڪنڊن سان استقبال ڪيو ۽ پاڻ ٽڙي ٽاپڙجي به گگهه اونداهه ۾ جيڪڏهن روشنيءَ جا ڪجهه ڪرڻا پکيڙيا به ته ان ۾ ڪجهه





ساٿين جي ساٿ کي درگذر نه ٿو ڪري سگهجي.

هن ڪتاب جي ارپنا لاءِ پنهنجي وڇڙي ويل ادبي دوستن جي حياتيءَ جي تصوير ڏيڻ ضروري ڀانئيم، ان سلسلي ۾ پياري دوست انجنيئر برڪت علي مرڪنڊ جي تصوير هٿ ڪرڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪرڻا پيا، الائي ڇو ان ڪانسواءِ هي ڪتاب اڌورو پئي محسوس ٿيو ۽ نيٺ پياري شاعر دوست اياز سومري ان مشڪل کي آسان بڻائي، سندس گهر جا ڪيترائي چڪر ڪاٽي تصوير هٿ ڪري ڏني، آنءُ اياز سومرو جو نهايت ئي مشڪور آهيان. هن ڪتاب جي اشاعت دوران مفيد مشورن سان نوازيندڙ ادب دوستن خاص طور پياري دوست ۽ ساٿي پبلشر سعيد سومرو، مشتاق گبول، گل بهار باغائي ۽ مخمور رضا جا وڏا وڙ جڏهن ته سائين مير محمد پيرزادو جا خاص طور ٿورا جنهن منهنجي ننڍڙي گذارش کي مان ڏيندي بيماريءَ جي بستري تان ايترو جلد مهاڳ لکي ڏنو، اڻ ڳڻيا ڳڻ سائڻ فوزيه بانو ۽ پياري علينواز آريسر جا جن تفصيل سان منهنجي شاعري ۽ شخصيت جو ڇيد ڪيو، ان کان سواءِ ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي، اياز گل، سعيد ميمڻ، اياز جاني، ڊاڪٽر احسان دانش، ساحر راهو، رضوان گل، فهميده شرف بلوچ ۽ شبانه سنڌي جا تاثرات پڻ مون لاءِ چاهه ۽ اتساهه جو سبب بڻيا. هن ننڍڙي ڪاوش متعلق اوهان پڙهندڙن جي ڪارائتي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

**ساجد سنڌي**
03003513966



مهاڳ

## پياس جي ريکا

توڙي جو انسانُ باقي خدا جي پيدا ڪيل وڻن، ٻوٽن جانورن ۾ ٻي پيداوار کان وڌيڪ حساس، جذباتي ۽ ڳالهائيندڙ آهي ان ڪري انهن سڀني کان معتبر قرار ڏنو ويو آهي. پر اگر اسان نظر نيڪ سان ڏسنداسون ته سڄ ايرڻ کان وٺي سڄ لهڻ تائين جيترو سورج مکيءَ جو گل ان سڄ لاءِ تڦولي ٿو ته ماڻهون توبهه تائب ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. ڏسو شرم ٻوٽيءَ جي ٻوٽي جي ٽارين کي هٿ سان ڇُهو ته هوءَ سڄي ڪومائجي ۽ پنهنجي پاڻ ۾ سُڪڙجڻ لڳندي، چوڏهينءَ تاريخ جي چنڊ ايرڻ سان سانتيڪي سمنڊ جون شانت لهرون ايترو ته ٻڙڏول مچائينديون ۽ چنڊ ڏانهن ڇال ڪائينديون رهنديون آهن جو ماڻهن کي تپرس وٺي وڃي، ته هوڏانهن چڪور پکيءَ جون چنڊ لاءِ چڙهايون ڏسو ۽ افسوس ڪرڻ کان سواءِ هوند رهي ٻه نه ٿو سگهجي.





هڪ دفعي جي ڳالهه آهي ته ٽر ۾ گهڻن سالن کان برساتون نه پيون ۽ ڏڪر جهڙو حال ٿي ويو. ماڻهون مال ڪاهي موڪي پاڻيءَ واريءَ وارن علائقن ۾ اچي رهيا، هڪ رات جو چا ٿيو وسڻ وارا بادل ٿر جي طرف ڏسڻ ۾ آيا اڌ رات جو مال رسا ڇنائي ٿر ڏانهن ڀڳو. صبح جو ماڻهون ڏسن ته مال آهي ئي ڪونه، سوچيائون ته اگر چور ڪاهن ها ته رسا ڇوڙي ڪاهن ها هنن هي پاڻ سَٽون ڏئي ڪري رسا ڇنايا آهن. پر پوءِ جڏهن خبر پين ته رات ٿر ۾ مينهن زبردست پيو آهي ته هنن سمجهيو ته ان ڪري مال رسا ڇنائي ٿر ڏانهن ڀڳو آهي. ان مان ثابت ٿيو ته ماڻهن کي ته ٿر ديس هيئڻ ڪري پيارو آهي ئي آهي پر مال پنهنجي مالڪن جي غرض ڪاڻ کان سواءِ ٻيوس ٻنجي آپي مان نڪري ۽ مالڪين جي پرواهه بنا رسا ڇنائي ۽ ان ٿر ڏانهن ڊوڙ ڪئي ته اهو بلڪل والهانه جذبو ئي آهي، جنهن جو ماڻهو ته شڪار آهن ئي آهن. پر موڳو مال ٻه ان جذبي سان ايڏو سرشار آهي.

اهي مٿي بيان ڪيل والهانا ڇڪُون ۽ سِڪُون ته اپوجهه مال ٻوٽن ۽ گلن ۾ ئي پنهان آهن ته پوءِ انسان جيڪو انهن مڙني کان وڌيڪ حساس ۽ جذباتي آهي ۽ ان انسان وٽ احساس ۽ جذبي جي اظهار لاءِ ٻوليون ٻه آهن ته ان جي لکڻ لاءِ صورتخطيون پڻ ميسر آهن. ان جو حال ڇا نه هوندو. شاهه عبداللطيف ڀٽائي وقت جي ٻڌائڻ بجاءِ چند ٽاٽا ڏئي ٿو ۽ پڙهندڙ انهن ٽاٽن مان وقت جو تعين ڪيو وٺي:

"وٽي وينا ڪانگ، وِچينءَ تي ويلا ڪري،
سهٽي گهڙي سير ۾، سٽي سانجهيءَ ٻانگ،
سيئي ڏيونڊي سانگ، جتي ساهڙ سپرين!"

يا



ڪَتِيُن ڪَرَ موڙيا، تيڙو اُيا تيئي،
راڻو رات نہ آئيو، ويل ٽري ويئي،
ڪُوءِ سا ڪاٽي راتڙي، جا پريَنِ ريءَ پيئي،
مون ڪي ڏن ڏيئي، ڊوليو ڏِٺِ قراريو!
(شاھ)

اهو ڪن ٽاڻن منجهان وقت جو تعين ڪرڻ خود هڪ احساس جو ڪرشمو آهي. ان احساس جي حد وارو ماڻهو/ وارا ماڻهون ته الائجي ڇا پيو ڳڻيندا هوندا.

انسان جي خاصيت جيڪا منجهس عام طور هوندي آهي سا آهي ته هو پنهنجا وڻندڙ توڙي اڻ وڻندڙ احساس يا جذبا ٻين سان اورڻ چاهيندو آهي ته جيئن ٻيا هم خيال بڻائي ۽ انهن کان آٿت حاصل ڪري، شروع ۾ ته اهو مسئلو ايڏو اهميت وارو نہ بہ هوندو پر پوءِ جيئن پوءِ تيئن ان اظهار کي اهميت ملندي وئي. اهو اظهار سِڌو سادو نثر سڏجڻ لڳو پر جڏهن ان کي رِدِ مِڪِ ۽ رواني ملي ۽ ڳائجڻ لائق بڻيون ته ان کي شعرچيوويو ۽ اهڙن گهڻن اظهارن کي گڏي "شاعريءَ" جو نالو ڏنو ويو ته ان جي سرجيندڙ/ تخليقڪار کي "شاعر" سڏيو ويو.

شروع ۾ ته جهڙي ڪي تهڙي شاعري بہ ساراهي ويندي هئي پر اڳتي هلي ماڻهون سوچڻ تي مجبور ٿي ويا ته ڪا شاعري وڌيڪ چَسَ واري ۽ مزيدار لڳڻ لڳي ته ڪا گهٽ، جنهن کان پوءِ ماڻهن ان جي سببن تي سوچڻ شروع ڪيو ته ائين ڇو ٿو ٿئي. تڏهن پتو پيو ته اُها شاعري جوڙيندڙ شاعر جي ڏانوَ ۽ ذات تي منحصر آهي ته اها شاعري ڪيتري مزيدار آهي يا ڪيتري چَسي آهي. جنهن کان پوءِ شاعريءَ جي فن ۽ فڪر تي سوچڻ شروع ٿيو. مثال: جوڙجڪ جا قاعدا ۽ قانون، جن ۾





اوائلي قاعدن کي چند_وديا سڏيو ويو ته بعد ۾ ڌارين جي ڪاهن ڪانپوءِ "علم عروض" نالي شاعريءَ جا قاعدا ۽ ضابطا پڻ هتي مروج، پر ڇو ته انهن جو ڪم هو ته شاعري پڙهڻ ۾ يا ڳائڻ ۾، ان ۾ رواني بي پايان ملي. پر رڳو ان سان بہ شاعري انتهائي خوبصورت ٿي پوي، ائين بہ نہ هو. ان ۾ لفظن جو تُزُ استعمال، تشبيهون ۽ استعارا استعمال ٿيل هجن، منظر نگاريون هجن، تهذيبي ۽ ثقافتي قدرن جو استعمال ٿيل هجي، جي ڳالهيون ساڳيون هجن ته ڪرڻ جو انداز نئون ۽ انوکو هجي.

شاعرن جي ڪيل شاعريءَ مان ڪنهن بہ قسم جون غلطيون يا گهٽتايون ڪڍي، ان ۾ مثبت اصلاح ڪندڙن کي " نقاد " ڪوٺيو ويو. اهو انهن نقادن جو ئي ڪمال هئو جن جي تنقيدي اصلاح سان شاعري اڻ گهڙئي ڪاٺ مان ڪو عاليشان مجسمو بڻجندي بڻجندي اڄ ڪلهہ جي سڌريل صورتحال تي پهچي چڪي آهي.

اڄ اسان جنهن شاعر دوست جي شعري مجموعي تي لکي رهيا آهيون سو آهي ساجد سنڌي، جنهن جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي جديد شاعرن ۾ ٿئي ٿو. سندس شعري مجموعي جو نالو آهي " سمبارا " جيڪو پڻ سندس سرواٽي ۾ هلندڙ حيدرآباد جي سمبارا پبليڪيشن پاران ڇپجي توهان جي هٿن ۾ آيو آهي. هي ياءُ شاعريءَ ۾ جيڪڏهن پنهنجي همعصرن کان ڪو گهڻو اوچو ۽ اعليٰ نہ آهي ته ڪانئن گهٽ بہ نہ آهي. اچو ته ايندڙ صفحن ۾ سندس شاعريءَ بابت ڪيل گفتگوءَ کي پڙهي ڏسون.

ساجد پنهنجي شاعريءِ ۾ بلڪل نئون ۽ اڳ ۾ نہ چيپل استعارو ڪم آڻيندي غزل جي ننڍڙين ٻن سٽن ۾ چوي ٿو ته: اي محبوبا! پاڻ ڪچهري ۾ ويٺا آهيون، ٻتيءَ جو تيل ختم ٿي ويو آهي، ڪچهريءَ تي اونده ڇانئجي وئي آهي. تون



مهرباني ڪري نقاب ٿورڙو هٽاءِ ته روشني ٿئي. ان مان ظاهر ٿيو ته جيڪي به ڪچهريءَ ۾ ويٺا آهن انهن کي نقاب به ڪونهي ان جي باوجود اوندهه آهي ته ان جي معنيٰ ٿي ته " محبوبا جو چهرو ايڏو سهڻو چٽو ۽ چمڪدار آهي" جيڪا ڳالهه شاعر بظاهر چئي به ناهي پر سمجهه ۾ اچي وڃي ٿي. جيڪو ان استعاري جو استعمال ڪندي، نه چوندي به چڻ شاعر چئي ويو آهي. جيڪا ڳالهه سندس قابليت ۽ شعري اظهار جي صلاحيت کي ظاهر ڪري ٿي.

وري جي اڇبو تشبيهه تي ته انيڪ اعليٰ قسم جون تشبيهون ملنديون جن مان مثال طور ٻن تشبيهن جو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهيو اٿم، جن مان هڪڙي آهي:

اسان جي دل به ٿر وانگر،
اسان هون پياس جي ريڪا.
(صفحو 28)

"اڃايل يا پياسو" اگر ڏيکارڻو هجي ته هرڻ جو پاڻيءَ لئه ڊوڙ ته ڪيئي دفعا شاعريءَ ۾ آئي آهي. جيڪا هڪ فرد جي اڃ آهي، سا به هڪ بي سمجهه جانور جي پر جي ان جاءِ تي ڏڪاريل ٿر جي تشبيهه اچي ته اها ڪيترن ئي وڻن ٽڻن جي، ٻوٽن جي مال جي ۽ ننڍن وڏن ماڻهن جي اڃ جو منظر رکي ٿي ۽ پوءِ اهڙيءَ دل جي اڃ يا پياس اُهو ئي سمجهي سگهندو جنهن اهڙو ڏڪاريل ٿر جو منظر اکين ڏٺو هوندو.



ايئن منهنجي اکين کان نه اوجهل ٿجان،
نوڪرون تو ڏسان، گم ٿيل پار ۾!
(صفحو 106)



ننڍو ٻار معصوم هجي ۽ هجي به ٻهراڙيءَ جو اُهو اگر گم ٿي ڪٿي پهچي ٿو ته ان سان اگر ڪو پيار سان ابا_پٽ ڪري به ڳالهائيندو ته هو ڪو به جواب ڏيڻ بدران روئي ڏيندو. ماني ڏبس ته ڪو نه وٺندس، هن جي ذهن ۾ هوندو ته امان سان ابي سان توڙي پائرن پينرن سان ڪيئن به ڪري جيترو جلد ٿي سگهي ته وڃي ملان. پريڻءَ کان پري ٿيڻ کي ان معصوم ٻار جي گم ٿيڻ واري تشبيهه ۾ جدا ٿيڻ جي ڏک کان وڌيڪ ته ان جي معصوم هجڻ واري ڪرپ ماري ٿي، تمام اثر انداز ٿيندڙ تشبيهه ڪم آندي آهي.

اها پائو ساجد سنڌي سندس مٿيئن غزل ۾ ڪنهن ڳالهه کي بيان ڪرڻ جا ڪيئي طريقا هوندا آهن پر پيار ۾ گهٽو ڪري ڳالهائڻ کان وڌيڪ خاموشيءَ سان، روئڻ سان، ويٺي ويٺي وچ مان اٿي وڃڻ سان يا چهري جي رنگ جي تبديليءَ سان پيار جا حال احوال اوربا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سُر سسئيءَ ۾ سسئي واتان ذڪر ڪيو آهي ته جيڪڏهن جبل ۾ ور وڪڙ ٿيندي اوچتو ڏسان ته پنهون سامهون بيٺو آهي ته جيڪر آءٌ (سسئي) هوند هيئن ڪيان:

هِئان ئي هوت پنهونءَ سان جي منهنجي ٿئي ملاقات،
ته ٻانهن وِجهي وات، هوند رِيهون ڪيان روهَه ۾ !

ان ساڳيءَ ڪيفيت کي اسان جو دوست ساجد سنڌي سندس هڪ غزل جي هنن ٻن سٽن ۾ اجهو ڪيئن ٿو بيان ڪري:

چئو هُن کي، چوي ٿو هو، چئين جي تون، چوان مان ڪجهه،
نه ٿا چوري سگهون چپڙا، اسان جي دل اُها ئِي آ.
(صفحو نمبر 84)



شاعرن لاءِ اهو به ضروري هوندو آهي، ڪائنات جي ٻين شين وٽن ٽٽڻ، پٽرن ۽ رستن کي به پنهنجي ڏک ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪن، انهن ٻي زبانن کان به ڳالهرائن. جيئن شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ چيو آهي ته:

"ڏونگر مون سين روءُ، ڪڍي پار پنهونءَ مئون!"
يا
"ڏونگر ڏس پرينءَ جو، ڪاف نه ڏيئي ڪو."
يا
"مِڙيو مِرُون چَون ته مُئيءَ اسان کي ماريو."

ان ڏس ۾ ساجد سنڌي جون ڪوششون پڻ ساراهڻ جوڳيون آهن. هڪ غزل جي بند ۾ چوي ٿو ته:

ٿڪ ساجد ٻُڌي، لُڙڪ مرڪڻ لڳا،
اڄ پٿر راهه جو ڪا صدا ٿو ڪري.
(صفحو نمبر 92)

پراٽا پياڪ يا گهاگهه پياڪ ته چوندا آهن جڏهن ساقي پيگ ناهي ڏيندو آهي ته خمار ان پيگ ۾ نه پر پيگ ڏيڻ وقت جيڪا ساقيءَ جي چپن تي مرڪ هوندي آهي ان ۾ ئي خمار هوندو آهي. ان ڳالهه لاءِ هن مجموعي جي صفحي نمبر 93 تي آيل غزل جي هڪ ٻن سٽن واري بند ۾ اچي ٿو ته:

"تنهنجي هوندي آ سناٽو، مئڪدو سونهين نه ٿو،
هٿ ٻڌون ٿا، ڇڏ ڪٽي ڪجھ ٻي رخي، مرڪي ته پئُ.
(صفحو نمبر 93)







سماج ۾ ڪڏهن ڪڏهن حالتون ايتريون ته بدترين ٿي وينديون آهن جو انهن مان پار پوڻ جهڙوڪ ناممڪن پيو نظر ايندو آهي پر شاعر اهڙن حالتن ۾ به ماڻهن کي آٿت ڏيندا انهن مان پار ڪيندا آهن. ساجد جي هن مجموعي ۾ آيل هڪ غزل جي هنن ٻن سِٽن ۾ ڏسو:

رات جا پاڇا وَڏڻ آهن لڳا،
چنڊ جي چمڪار کي ڳوليان پيو.
(صفحو نمبر 96)

جڏهن جذبي جي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي ته نديون توڙي سمنڊ ناچ ۾ گڏجي پوندا آهن جيئن هن مجموعي جي 104 صفحي تي آيل غزل جون هي ٻه سِٽون پڙهجن ٿيون ته خود پڙهندڙ تي به اها ڪيفيت طاري ٿي وڃي ٿي.

مان جڏهن ٻڪ ۾ پري ٿو، مُڪُ مني تنهنجو پمان،
"رقص ۾ آ چاندني"، نيڻن جي نيري سمنڊ ۾.
(صفحو 104)

ڪن ڪن جي شاعريءَ ۾ رڳو قرب جي ڪوٽ هوندي آهي. جڏهن ته ڪن جي شاعريءَ ۾ نفرت ۽ ٻڇان جا نوڪيارا شيشا ملندا آهن. ان وارتا کي ساجد سنڌس غزل ۾ اجهو هيئن بيان ڪري ٿو؛

ڪَوِتا منجهه رکي آ دل مون،
تو ته رکيا لفظن ۾ شيشا!
(صفحو 25)

سنڌ جي جيئن تہ سموري ڪلاسيڪل شاعري تصوف جي رنگ ۾ رنگيل آهي. وحدت الوجود جو پرچار، پاڻ ڪي ڳولڻ جي جستجوءِ صورتن جي فرق ڪي ميساري هڪ ئي پسڻ جي ڪار، مسجد مندر خدا جو گهر ڪري سمجهڻ. ٻيا تہ الاجي ڪيترا صوفي ٿي گذريا آهن پر انهن ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سرِ فهرست آهن. ساجد بہ ان جو هنن لفظن ۾ پرچار ڪيو آهي:

“نيٺ ساجد ورءِ ڀُلجي ڀَٽڪِي، واپس ايندين،
پاڻ ڪي پاڻ ۾ ئي پايو، پنهنجي تعاقب ۾.”
(صفحو 26)

۽
منهنجي ساري زندگي ۽ شاعري،
ها سچل ۽ شاهہ ۾ گم ٿي وئي.
(صفحو 27)

چوندا آهن تہ جيڪو لفظ سان نہ مئو سو تلوار سان بہ نہ مرندو. قرب ۽ پيار ۾ ڳالهايلن ٻولن، جملن ۽ لفظن ڪي باقي حياتي ياد ڪري ۽ جيئبو آهي، اهي زندگيءَ جو اثاثو ۽ روح جي راحت هوندا آهن. ڏسو تہ ان ڏس ۾ هي شاعر ساجد سنڌي سندس شاعري ۾ ڇا ٿو چوي:

ڪيڏا ٿا تنهنجا ڇُپَن،
جملا آڏيءَ رات جو.
(صفحو 42)

ڪڏهن ڪڏهن اکين جا پلڪ نيڻن جي آلاڻ مان پيار





جا پاڇا ڏسي وٺندا آهن، ڇو تہ اُهي هڪ ٻئي جا ساٿي ۽ محافظ جو آهن. ان وارتا ڪي ساجد سندس وائي ۾ اجهو هيئن اظهاري ٿو؛

پلڪن، پريم پَسيو،
نيڻن آلَن ۾ـ
پيار اسان جو پاتو!
(صفحو 64)

جڏهن عشق ڪنهن عزتماب انسان ڪي ارن مان ڪڍي ڇڏيندو آهي تہ پوءِ ٻيا اوڙي پاڙي وارا يا سنگت ساٿ وارا ان ڪي سڌرڻ جون ۽ باز اچڻ جون صلاحون، رٺون ۽ رايا ڏيندا آهن. “پرچي ڪيئن؟” ڇئي: ”ويران وير وڌ “ ان جيان ساجد سنڌيءَ پڻ هڪ غزل جي ٻن سٽن ۾ ان ڳالهہ جو اظهار اجهو هيئن ڪيو آهي؛

جي لڪان، يا پڙهان بس عڪس ڪنهن جو چوُطرف،
نينهن ۾ ڪِٿِ ياد رهندو آ، نصيحت جو سبق.
(صفحو 74)

غربت ۽ قومي ڏاڍ بہ اهڙا مسئلا آهن جن جي ذڪر کان سواءِ شاعري اڌوري آهي. قومي ڏاڍ خلاف هن ئي ڪتاب ۾ هڪ نظم اچي ٿو جنهن جو ذڪر آهي. جيڪو نظم ”اڇو ديس تان پاڻ واري هلون“ (صفحو نمبر 116) تي آهي ۽ غربت لاءِ هن ڪتاب ۾ موجود “ڇَڱُ _ سٽن” ۾ ڪجھ اچن ٿا. مثال:



بکئي پيٽ، پياسن چپن جون دعائون،
ختم نيٺ ٿيندي، ڳيپي جي بہ ڳولا؛
دنيا جي رڳو ڏوڙ ماٽي سگهياسي،
جنين کان نہ ٿي ماٿهپي جي بہ ڳولا.
(صفحو 121)

توڙي جو وطن واري نظم ۾ سنڌ جي"ون يونٽ "۾ ڦاسائيندڙ جو ذڪر سنڌ ۾ ٻتي نظام لاڳو ڪرڻ جا سانباها ڪندڙ ۾ بحريا ٽائون جي وبا لاڳو ڪرائيندڙن جو ذڪر اچڻ ڪپندو هو ۽ تو اسان جهڙن عام ماڻهن جي قربانين سنڌ جو ون يونٽ مان ۽ بحريا ٽائون مان ڇوٽڪارو ٿيو. انهن کي باور ڪرائجي ها تہ اڳتي بہ اهڙين ٿيندڙ سازشين کي اسين ايئن ناڪام ڪري سنڌ کي پنهنجي جوت ۾ جواني ورايو پيا ڏينداسون. پر ان هوندي بہ ساجد جيڪو نظم جو تاجي پيتو رکيو آهي سو انتهائي زوردار فني توڙي فڪري لحاظ کان ساراهڻ جوڳو آهي. اچو تہ قارئين ان جي چند سٽن کان مُستفيض ٿيندا هلون:

تِکي تيز تلوار وانگر بہ آ،
تہ هوشوءَ جي للڪار وانگر بہ آ،
ڪري ڪين سگهبو بيان حوصلو،
جُوانن جو هر دم جُوان حوصلو،
اکيون دشمنن جي اکين ۾ وجهي،
هلو، جانثارن کي ساري هلون،
اچو ديس تان پاڻ واري هلون!
(صفحو 116)





هن ڪتاب ۾ ٽي عاليشان ڊگها نظم آهن: سنبارا، بيبي پنڪي ۽ هينئر پيش ڪيل نظم "وطن". پهريان تہ آءُ دعويٰ سان چوان ٿو تہ ساجد جي هن ڪتاب جا اهي ٽئي نظم چڻ تہ سندس دئين جا مرڪزي نقطا آهن. پر جيڪا فني ڪاريگري ۾ ڪلائيمڪس نظم "بيبي پنڪيءَ " ۾ ڏٺي ويو آهي، سا هن سڄي ڪتاب جو "نڪ" آهي.

وطن واري نظم کي جيئن تہ اسان مٿي بيان ڪري آيا آهيون. هاڻ اچي ٿو سندس ٻيو نظم " سنبارا" ان تي چند سٽون لکي ۾ پوءِ ان جي ڪجهہ سٽن کي پڙهنداسون.

جيتوڻيڪ "سنبارا" جو توڙي جو اهو خيالي خاڪو آهي، پر پوءِ بہ ان کي جنهن فني پيرائي ۾ ڪٽي اچي ٻيجل ۽ سورٺ _ راءِ ڏياچ سان تسلسل ملائي ۽ سنڌ جي فن جو سلسلو جوڙيو ويو آهي، تتي پڙهندڙ دنگ رهجيو ٿو وڃي. تهڙي ان ۾ فني مٿيرائي پڻ موجود آهي. قارئين لاءِ ان ڊگهي نظم مان چند سٽون هيٺ ڏجن ٿيون:

"هوءَ جا انگ اگهاڙي هَرِ پَلِ،
ڇم _ ڇم _ ڇم _ڇم ڇير وڄائي،
ساري _ گاما_ پاڌاني _ سا،
ورلاپن جي رمز ۾ گم ٿي،
هوءَ جا ناچ نچي ٿي وک وک،
ڪايا..... مايا ، رقص ۾ آهي،
نيڻ، نديءَ ۾ رقصان پا چا!
(صفحو06)

سمبارا جي ڇير ٽُٽي ۽،
اِستوپا جو ڪنڌ جُهڪي پيو!
(صفحو 07)



گوتا، ساجد ، سِرجي تي ،
پيار، پنن ۾ سُڏِڪي تو !
(صفحو 10)

جنهن ڪان پوءِ هن ڪتاب جي ٽن بهترين نظمن مان اهو آخري ۽ انتهائي متاثر ڪندڙ نظم، جنهن جو عنوان آهي، "بيبي پنڪي" محترمہ شهيد بينظير ڀٽو متعلق، ساجد جو هڪ شهپارو نظم ، ان نظم جي تاجي پيٽي ۾ ڳڙهيءَ کي ڳاڙهي چادر اوڍڻ، ڪيس ٻن شهيد پائرن ۽ شهيد پيءُ جي پرسان ستل ڏيکاري ۽ چوي ٿو تہ "اکيون اِهو ڪيئن ڏسي سگهنديون؟!" صفا روئارڻ جهڙو نظم، انتهائي جذباتي انداز ۾ سرجيل آهي. پلاند نہ ڪرڻ جي سبب مان جڏهن چيائين تہ هت فقط مرد شهيد ليکيا ويندا آهن تہ سماج جي ان متييد واريءَ ڪنيءَ ڪوجهيءَ رسم تي لعنت وجهي نظم کي ڪلاسيڪيت جي مقام تي پهچائي ويو آهي. اچو تہ ان نظم جي پڻ چند سٽن جو اڀياس ڪريون:

"سُتيئن رت جو ڪفن اوڍي،
مِٽيءَ جي مهڪ جاڳي تي،
شهيدن جو چپر ڇا پيو.
ڳڙهيءَ ڳاڙهي ڍڪي چادر.
(صفحو 16)

ادا تنهنجا، ابا تنهنجو،
انهن جي پر سُتل تو کي،
اکيون ڪٿ سِي ڏِسي سگهنديون؟!
مگر سر سان ڪفن اوڙهي،
اسان کي هاڻ اڇٽو آ!
(صفحو 17)





اِهو هڪ سوال ٿوکي ٿو،
ڪجي ڇا، حال روڪي ٿو،
مليو جو مال روڪي ٿو،
ڪڏهن بدلا نہ ورتاسين،
وڃي آمر سان پرتاسين،
ادي بيبي ، ادي پِنڪي!
ڪري تون ، معاف ئي ڇَڏِجانَ،
اسان مردن شهيدن جا،
هميشہ ڪان ئي وارث هون!
(صفحو 17)

**مير محمد پيرزادو**
**سڪرنڊ**



## ساجد ۽ سمبارا جو سنگم

انساني زندگي جڻ صحرا ۽ وقت ان جي هر لمحن ۽ ساعتن کي واريءَ جيان پنهنجي مٺ ۾ ڪري پيو اڏاريندو رهندو آهي، ڪڏهن ڪٿ ته ڪڏهن ڪٿ.... دنيا جي هن گولي تي خبر ناهي ته ڪٿ ۽ ڪهڙي جڳهه تي بندو ملندو ۽ وڇڙندو؟؟ ان جو اندازو ڪير به نٿو ڪري پر وڇڙڻ وارا ملڻ جي آس ضرور ڪندا آهن، پراڻئائون پيا ڪندا آهيون ته شل هڪ وار ملاقات ٿئي ته جيئن ان ”وڇڙڻ“ وارن لمحن کي ڪيئن گذاريوسين، هڪٻئي سان شيئر ڪجي، گڏ روئجي به ۽ کلجي به....

سنڌ جي ڌرتي پنهنجي جهول ۾ اڻ مٽيا ماڻڪ تاڙيا آهن، جنهن ۾ تخليقي صلاحيت جا قطره نه بلڪ سمنڊ سمايل آهن، شاعرن جي باري ۾ ڪجهه عرصو اڳ ۾ لکيو ويو هو ته سنڌ ۾ ايترا آهن، جيئن....؟ نالو ان لاءِ ان جانور جو نه لکيم جو اسان وٽ ”وات“ هڻڻ جي ۽ هڪٻئي کي رهندون ۽ رهڙيون پائڻ جي





عادت آهي، جانورن جو ته مڙئي نالو آهي.

”ساجد سنڌي“ جيڪو لاڙڪاڻي جي قيمتي مٽيءَ جي بڻي ۾ گهڙجي سنڌ جي عظيم عمارت ۾ ڪنهن پختيءَ سِرَ جيان مونکي لڳو، تنهن پنهنجي صلاحيتن کي ته اجاگر ڪرڻ جي جاکوڙ ڪئي بلڪ ان سان گڏ ان سموري سٽ کي اڳتي آڻڻ جي جستجو به جاري رکي، جيڪي ان جا همعصر به هئا ۽ دوست به هئا. اسان وٽ اِها روش گهٽ آهي ته ڪنهن کي پاڻ کان اڳتي ڏسون پر ساجد ۾ اها صلاحيت اُتم آهي. مون کي شروع ۾ چيو هئائين ته پيو ڪتاب آڏبو پر ان تي توهان کي لکڻو پوندو... ان دوران هُنن جي ڪجهه دوستن به سندس کي ئي چئي، پنهنجي ڪتابن تي ڪجهه نه ڪجهه مونکان لکرائي ورتو... پر ساجد پاڻ ماٺ ڪري ويهي رهيو، پين جا لفظ سهيڙيندي ميڙيندي پاڻ کي جڻ وڃائي وينو... جڏهن ڪل پيس ته هڪدم پاڻ کي ”مار پوئي“ چئي چرڪ پري ان جڳهه تان گهڙي ڪن اٿي پنهنجي اٽپورن خيالن کي وري گڏ ڪري ميڙي سهيڙي چيائين ته تون لکندينءَ....؟ نه ته بس....

سنڌ جي ”ادبي دنيا“ ”عجب پريم ڪي غضب ڪهاني“ جيان آهي. جت گهٽي پاڳي ”ليڪ“ ڪنهن جي دوستي ۽ ساٿ کي اڪثر ڪري گهٽيءَ ۾ گهيڙڻ جي گند جي ڍيرن جيان سمجهندا آهن. جن تي هو رهندا به آهن ۽ وري لنگهندا اتان نڪ تي رومال رکي آهن. ساجد سنڌي هميشه ان گندن جي نشاندهي ته ڪئي آهي پر گهٽي پاڳي ان کي صاف ڪرڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي. ”تخليقڪار“ مرد آهي ته هن کي اختيار ۽ اٿارٽي مليل آهي ته هو جهڙو چاهي جيئن چاهي ڏسي ۽ وري ان تي بيباڪيءَ سان لکي... ان لاءِ عورت کان وڌ موقعا عورت کان وڌ مطالعي ۽ مشاهدي جا گس مرد جي حصي ۾ ٿا اچن ۽ ان جو فائدو ساجد سنڌي کي به ٿيو آهي ۽ ”او ڪجين



جي شهر واري ڇوڪري!“ جي نظم ۾ هن ان جو فائدو وٺندي اظهار جا سڀ مٺ اوتيا آهن جنهن ۾ پراڻي مذ جو ذائقو به آهي ۽ ڪسارائپ به آهي ڇو جو حقيقت ڪڏهن ڪڏهن اوهان جي وات کي نه بلڪ زندگي جو ذائقو به مٺائي ڇڏيندي آهي. ننڍڙيون خواهشون ساجد جي شاعري ۾ جابجا نظر اينديون، شايد ان لاءِ جو هن جي اندر ۾ هڪ ننڍڙو معصوم ٻالڪڙو رهي ٿو جيڪو مُٺ ۾ واري گڏ ڪرڻ جي بجاءِ ان کي هيڏي هوڏي خود اڏاري ڇڏي ٿو. معاشرو سمورو خاص ڪري سنڌ جو سَنڌن ۾ سور جيان ٿي ويو آهي. جيڪو آهستي آهستي جڻ لاعلاج ٿيندو پيو وڃي. انصاف جي ڳولها ساجد جي هن سٽن ۾:

“انصاف جي اکين تان ڪاري پٽي ته ڪوليو
هن ديس ۾ امن جا، پنڇي اڏي مرن ٿا”

اوهان کي صاف ۽ چٽي نظر ايندي. “حقن جي ڳالهه هجي” يا جلادي شهر جي ڪٿا هجي، ساجد پاڻ ملهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ مون پهريون دفعو “جلادي شهر” جو اصطلاح پڙهيو آهي،

مڇون ٿا، جلادي شهر ۾ نپيا هون
ايپي تيل آگر وڍڻ کين جاڻون
ڇئون ٿا ڪبوتر ڪچا پَر پکيڙي
مگر سچ ته ڪانئر ڪڍڻ کين جاڻون



نه چوندي به هنن سٽن ۾ سندس اندر جي درد جو هڪ وسيع جهان سندس ذات کي خنجر جي تشبيهه ڏيڻ تي مجبور



ڪيو آهي ته:

ذات- خنجر، ذار آهي شاعري
ڪا ڪويءَ ڪوڪار آهي شاعري

هونئن به تخليق آهي ئي هڪ درد جو سفر ۽ تخليقڪار ته حالتن کي ڏسڻ ۽ پوءِ سهڻ جو تصور نٿو ڪري سگهي ڇو جو مذهبن جي نظر ۾ ليڪ اگر ڪنهن به انياءَ تي دسترس رکندي به نٿو لکي، اهو ليڪ چورائڻ جو به حق نٿو رکي ۽ ساجد ان فرض کي به نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته:

روئن رت ڦڙا اکيون ڇو نه پنهنجون،
اجها ٿي اباڻا، بلدوز ويا هن.

يا هنن سٽن ۾ هن منافقي واري رويي کي خوب محسوس ڪندي چٽي ڏنو آهي:

ڏپ آئي منافقيءَ جي،
هن سان گفتگو ڪيان ٿو.

چوندا آهن ته ماڻهوءَ تي ڪيوپر جو تير جڏهن لڳندو آهي ته هو خودبخود شاعر ٿيو وڃي. اسان جي سنڌي شاعري ۾ حُسن ۽ حسينا الڳ هرگز ناهن، محبوب کي اگر نالي سان به سڏجي تڏهن به هڪ نالو ”حسينه“ ذهن ۾ من جي ڪينواس تي اڀري ضرور ٿي اچي ۽ ساجد به ان حسينه جي چڪر ۾ ڦاٿل ئي آهي. جيڪو سندس هن غزل جي سٽ سٽ ۾ سمايل آهي ۽ سعيد ميمڻ جي لفظن ۽ سٽن ۾ سمايل سانوري حسينه ساجد کي



ڇهي جڻ روشني عطا ڪري ويس، سندس چواڻي ته:

زندگيءَ ۾ ڪنهن حسيناڪي ڏٺم
دل سڄيءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.
يا وري
اي حسينا ڪٽي جلوا موتي وچ
زندگي جا حسين لمحا موتي وچ

خوبصورت تشبيهن سان رچيل ساجد جي شاعري مونکي متاثر ڪندڙ لڳي، ڪاغذي پيرا هن ته ٻڌوسين، ڪاغذن تي اڪريل لفظن جو آواز به ٻڌوسين. ڪاغذن تي پنهنجا ڳوڙها ٽمندي به ڏٺاسين.ڪاغذن تي اندر جي اڌمن، احساسن ۽ جذبن جا سپ ست ست سور سهيڙي هڪ ٻئي کي خط لکندي ۽ پڙهندي به ڏٺاسين پر.... ساجد چواڻي:

اوهان ۽ اسان ڪاغذ جو رشتو،
وساريو متان ڪاغذ جو رشتو.

پهريون دفعو پڙهڻ لاءِ مليو آهي ۽ اهو نهايت خوبصورت لڳو، مون کي ذاتي طور اهو غزل، جو جو چند سٽن ۾ ڪاغذ تي اڪريل رشتن جو نمايان طور "ڪاغذ" کي بليڪ اينڊ وائيٽ مان رنگين ڪري ويو آهي. هونئن به اها حقيقت آهي ته شاعري ٿورن لفظن ۾ به نثر جي مقابلي ۾ گهڻو بيان ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي...

لاڙڪاڻي جو ماڻهو هجي ۽ "موئن جو دڙو" تي نه لکي بلڪ منهنجي خيال ۾ ته.. سنڌ جو هر تخليقڪار "موئن جي دڙي" جي مٽيءَ مان ڳنڍل ۽ قتل آهي ۽ مڪليءَ جو قبرستان





جڻ سندس مسڪن ۽ آستانو آهي.

'سمبارا' ڇا آهي؟ سمبارا ڇو آهي؟ ٻن لفظن ۾ هزارين سالن جي ڪٿا ڪي ڪٿي سمائجي، ٻن جنمن جي ڪهاڻي ڪي ساجد "سمبارا" نظم ۾ سمائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. رقص، "رقاصه"، "مي رقصم" اصل ۾ سروم دڪم دڪم جي اهو سلسلو ۽ تسلسل آهي جيڪو "تيري عشق نچايا" جي ڇم ڇم تي پڇاڙيءَ تي نه ٿو رسي.

جيئن سعيد ميمڻ چواڻي ته:

مان اهو سانورو مصور هان،
تون اها نرتڪي آن موهن جي.

سمبارا پڙهي حسن درس جي "رقاصه" به ذهن تي تري آئي:

رقاصه قلندر تي بيٺي نچي
جوان ڪيئن ته مجرو ڪري ٿي پئي.

۽ وڏي ڳالهه ته صدين جي هن سفر جي ڪٿا بخشڻ مهراڻوي به "اسان جا درد صوفي هن" ۾ ڏاڍي مٽي انداز ۾ بيان ڪئي آهي، موئن جي دڙي ۾ هزارين سالن جي تهذيب اسان وٽ بنا ٻولي جي في الحال پهتي آهي. بلڪل ائين جيئن اوائلي دؤر ۾ خاموش فلمون هيون. جنهن ڏينهن ان ٻولي کي آواز مليو، خبر ناهي ته ڪهڙا انداز نروار ٿيندا ۽ "سمبارا" نرتڪي ناچڻيءَ سان ٿيل وارتا ڇا ظاهر ڪندي ان جو ادراڪ گهٽ ۾ گهٽ مونکي ناهي، پر ساجد کي ضرور آهي:

هوءَ جا انگ اگهاڙي هر پل
ڇم ڇم،ڇم ڇم، ڇير وڄائي
ساري گا ما پا دا ني سا



ورلاپـن جـي رمـز ۾ گـم ٿـي
هوءَ جا ناچ نچي ٿي وک وک
کـايـا، مـايـا رقـص ۾ آهـي.
نـيـڻ نـديءَ ۾ رقصان پاڇا....!

هيءَ نظم پڙهندي مونکي ڏيڍ سو سال پراڻي ڪپرالا جي ننگلي جي ڪهاڻي ياد اچي ويئي جنهن ۾ ڪپرالا جي وڏي حصي ۾ نرانڪور راجه حڪومت ڪندو هو. نسل پرستي جو ٻج اڄ بہ جيئن ڇٽيل آهي تيئن اتي گهٽ ذات وارين عورتن کي پنهنجون ڇاتيون ظاهر ڪري هلڻ جو حڪم هو ۽ ان جي خلاف ورزي ڪرڻ تي "بريست ٽيڪس" ڏيڻو پوندو هو. اهو قانون اتان جي ذات جي سڃاڻپ لاءِ هوندو هو. پر اهو ٽئڪس غربت جي ڪري بار بار ڏيڻ غريب ماڻهن جي وس ۾ نہ هو، ها پر ڪهاڻي طويل آهي ان کي مختصر ڪندي ٻڌايان تہ "ايدوا ذات جي هڪ عورت ننگلي بنا ٽئڪس ڏيڻ جي پنهنجي ڇاتي لڪائڻ جو فيصلو ڪري ورتو ۽ ان جي پڇڪڙي جو ٻڌي ڪجهہ آفيسر جڏهن ٽئڪس وٺڻ آيا تہ ننگلي انڪار ڪندي پنهنجي ڇاتي ڪوري انهن سامهون رکي ڇڏي ۽ رت وهڻ ڪري ننگلي گذاري وئي ۽ سندس اگني سنسڪار تي مڙس بہ ان باهہ ۾ ٽپو ڏئي آپگهات ڪري ڇڏيو."

ڇا ننگلي "سمبارا" جو تسلسل تہ ناهي...؟ اڄ بہ ان جي پڇاڻي ڪٿي ٿي آهي؟ هن مجموعي جي ابتدا سمبارا آهي ۽ انتها...؟ جو سفر جاري آهي... نهايت خوبصورت، اتم، سندر ۽ مقدس صحيفي جيان اِهو نظم پڙهڻ کان پوءِ سچ تہ ڪجهہ عرصي تائين شايد ٻيو ڪجهہ پڙهڻ جي توفيق نہ ٿئي ۽ شايد منهنجي ان راءِ سان ڪو سهمت نہ بہ ٿئي پر سچ تہ سنڌ جي هِن سرجڻهار جي اندر ۾ سموري سنڌ سمايل آهي. اسان سنڌي





ماڻهو ڳوٺ کان روزگار جي چڪر ۾ شهر ايندا آهيون تہ ڇڻ پرديسي ٿي ويندا آهيون. ايئن هن هِن مجموعي 'سمبارا' ۾ ڳوٺ، گهٽي، ندي، واهڻ، روڊ، رستن چنڊ، سمنڊ، درياهہ ۽ ماڻهوءَ تي ٿيندڙ انياءَ جو سمورو جهان سمايل آهي. ڪنهن بہ تخليق جو پورائو ناهي ٿيندو ۽ ڪا بہ تخليق پوري ناهي ٿيندي ڇو جو اگر ائين هجي ها تہ پهريون خيال سرجندڙ کان پوءِ ان خيال جي پوئيواري ڪندڙ چور نہ بلڪہ ڌاڙيل هجي ها.

اسان جي نسل وڏڙن جي پيرن جي نشانن تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڇا اسان جو نسل بہ اسان جي پيرن تي هلڻ جي ڪوشش ڪندو؟ اِهوهڪ وڏو سوال آهي ڇو جو اسان جا "ڪم" اهڙو تہ هئڻ گهرجي، جن تي گهٽ ۾ گهٽ اسان خود مطئمن هجون، شاهہ جي شاعري پڙهندڙن کي ڪنهن بئي مان اهو سواد يا ذائقو ملندو اِهو ٿيٽو ناهي پر جيئن تہ خود ٻڌائي، سچل لاءِ چيو تہ اسان جيڪو ڪنو چاڙهيو آهي ان جو ڊڪ هيءَ نينگر لاهيندو... سو پنڌ اڃان بہ جاري آهي، ڪنو بہ باهہ تي چڙهندو آهي ۽ ان ڪُني جو ڊڪ اڃان پورو لٿو نہ آهي ۽ باهہ وسائڻي نہ آهي ڇو جو ڪنو ٺري ويندو تہ پوءِ ڇا رهندو.! اسان ۾ اگر "ڪاني" ٿيڻ جو بہ ذرو بہ هنر آهي تہ اچو ۽ اچي ان تخليق جي ڀارڻ کي پنهنجن دردن سان دڪايون. ڇو جو تخليق ڪائنات جي وجود ۾ رهڻ جو ڪل اثاثو بہ آهي ۽ سرمايو بہ آهي.

ساجد جون سپ ستون سچيون پر هي ستون ڇڻ "حاصل" آهن، هِن مجموعي جون، جيڪي سمبارا طويل نظم مان آهن...؟

پـوءِ بـہ ڪـاتـب ڪـيـن ڪـڇـي تـو



راھہ اڙانگي نقش ڏسي ٿو،
تنبوري جي تار ڇھي ٿو
بند اکين سان خواب لھي ٿو.
سمبارا جي ڇير ٽٽي ۽
استوپا جو ڪنڊ جھڪي پيو...!

پڙھندڙ ئي ان جو فيصلو ڪندا ۽ پيو فيصلو تاريخ ڪندي تہ ساجد سنڌي سنڌ جي اتھاس کي ڇا ڇا ارپيو... تيستائين؟

چوي ٿي دنيا گناھہ ۾ هون،
اسان تہ تنھنجي نگاھہ ۾ هون.
الله پنھنجي اندر ۾ آھي،
اسان بہ شايد الله ۾ هون.
(ساجد)

**فوزيہ بانو**





## منھنجو ويساھہ

ڪي ماڻھو شخصي طور وڏا ماڻھو هوندا آھن، جن وٽ ماڻھپي جا مڻ هوندا آھن، ڪي ماڻھو تخليقي طور سگھارا هوندا آھن، جن جي تخليقن ۾ حقيقي زندگيءَ جي حُسن جو واس هوندو آھي، فطرت جون رنگينيون هونديون آھن، پنھنجي وطن جي مٽيءَ جي خوشبوءِ هوندي آھي، پنھنجي ماروئڙن جھانگيئڙن جون درد ڪٿائون هونديون آھن، جن کي گڏائي هُو اھڙي شاعريءَ کي جنم ڏيندا آھن، جيڪا آزاد وطن ۾ اسٽيجن تان ‘قومي تراني’ جي صورت ۾ گونجندي آھي ۽ غلاميءَ جي وقت ۾ نئين نسل ۾ جوش ۽ ولولو پيدا ڪندي آھي. اسان جي سنڌ ۾ اھڙا ڪيترائي تخليقڪار موجود آھن، جن جي تخليقن ۾ سنڌ پنھنجي اُوچي ڳاٽ سان اڏول بيٺل نظر اچي ٿي، اھڙي اڏولتا مون کي پنھنجي پياري دوست ساجد سنڌيءَ جي نظم ‘سمبارا’ ۾ نظر اچي ٿي. اسان جي محقق مؤرخن جيتوڻيڪ موھن جي دڙي جي تاريخ جي 5



هزار سالن تي اڪتفا ڪيو آهي، پر مون جڏهن ساجد جو نظم
سمبارا پڙهيو تہ مون کي موهن جو دڙو اجا بہ اڳاتو نظر آيو،
نظم پڙهندي ايئن پئي محسوس ڪيم، ڄڻ انسان جي شعوري
اؤسر تي ئي موهن جي دڙي ڪان آهي، ۽ موهن جي دڙي جو
ماڻهو ئي شعور جي آگهي آهي، ان مان واضح ٿئي ٿو تہ ساجد
پنهنجي ڌرتيءَ سان ڪيترو ڳنڍيل آهي، ساجد جي نظم
سمبارا جو هڪ بند آءٌ هتي ونڊ ڪريان ٿو:

نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا
پوءِ بہ ڪاتب ڪين ڪُڇي ٿو،
راهہ اٽانگي نقش ڏسي ٿو،
تنبوري جي تار ڇُهي ٿو،
بند اکين سان خواب ڏسي ٿو،
سمبارا جي چير ٽُٽي ۽
استوپا جو ڪنڌ جُهڪي پيو.

جيڪو ماڻهو پنهنجي ڌرتيءَ سان ايترو ڪميٽيڊ هُجي، اهڙي ماڻهوءَ سان دوستي ڪي آءٌ خدا جي نعمتن مان هڪ انمول نعمت سمجهان ٿو. دوستي، زندگيءَ جو آرٽ آهي، مون پنهنجي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن ڪُجھ ميڙيو آهي تہ اُهي فقط دوستيون ئي آهن ۽ اُنهن دوستين مان ڪي اهڙيون تہ اٽوٽ ٻڌجي چُڪيون آهن، جن ڪان ڇڄڻ شايد مُنهنجي وس ۾ نہ هُجي، چاڪاڻ جو اُنهن دوستين منهنجي اندر جي ويساهہ ڪي پُختو ڪيو آهي ۽ منهنجو ڪنڌ دوستيءَ جي انهي محراب ۾ هميشہ جُهڪيل ئي رهيو آهي. ساجد سنڌي انهيءَ دوستيءَ جي سنگ جو اهم ٿنڀ آهي، جنهن سان آءٌ جڏهن بہ مليو آهيان تہ مون ڪي نارائڻ شيام جون هي سٽون ياد آيون آهن تہ:





شيام جيڪر ٿي پوان ها تار تنهنجي ساز جي
تنهنجون نازڪ آڱريون ڇيڙن ها منهنجي دل جو گيت!

ساجد سان آءٌ جڏهن پهريون ڀيرو مِليو هُئس تہ مون کيس رولاڪ رُوح محسوس ڪيو هو ۽ واقعي هُو رولاڪ رُوح آهي، هُن کي ڪٿي بہ هڪ جاءِ تي مزو ناهي ايندو، مون کيس سدائين ڀٽڪندي ڏٺو آهي، ۽ هُو ڀٽڪندي ڀٽڪندي بہ ڪم ڪندو رهندو آهي، هُو جڏهن اخبارن ۾ ڪم ڪندو هو تڏهن بہ هُو هلندي گهمندي ڪو ڪالم پيو لکندو هو، ڪنهن شاعر کي پيو ساريندو هو، ۽ رُلندي رُلندي شام جو اخبار جو ايڊيشن وٽس تيار ملندو هو، ان ڏِس ۾ آءٌ ايئن چوندس تہ ساجد اخبار جي پليٽ فارم تان تمام گهڻن شاعرن کي متعارف ڪرايو آهي، لاتعداد ليکڪن جا پروفائل، انٽرويو شايع ڪري انهن جي پورهيي کي مان ڏنو اٿس، ۽ اِهو ڪم صرف اُهو ماڻهو ڪري سگهي ٿو، جنهن جو ضمير زنده هُجي. جنهن جي پنهنجن ماڻهن سان ڪمينٽمنٽ هُجي، ۽ ساجد کي مون هر مورچي تي ثابت قدم بيٺل ڏٺو آهي. اُن ڪانسواءِ ساجد جڏهن پبلشنگ جو ڪم سنڀاليو آهي تہ هن ’سمبارا‘ پبليڪيشن پاران مختصر عرصي ۾ لاتعداد ڪتاب ڇپرايا، ۽ ڪيترن ئي نون ليکڪن کي اُتساهيو آهي، ساجد جي اها رفتار برقرار رهي تہ آءٌ يقين سان چئي سگهان ٿو تہ هُو هڪ ڏينهن سينيئر پبلشرن کان گوءِ کٽي ويندو. ساجد شخصي طور ڪيڏو وڏو ماڻهو آهي، ان جو اندازو ان ڳالهہ مان ڪري سگهجي ٿو، هڪڙي رات جو فون ڪيائين تہ، ”شهيد بشير خان تي ڪو مضمون لکيل هُجي تہ اي ميل ڪر، اخبار جو ايڊيشن پيو ڪيان،“ مون وٽ بشير خان تي لکيل ’علامتي ڪهاڻي‘ موجود هُئي، جيڪا کيس موڪلي ڏنم، ٻئي ڏينهن تي اُها اخبار ۾ شايع ٿي ۽ ٻن ڏينهن ڪان پوءِ مُنهنجي



لڪٽيءَ جي ڪري اخبار مان ڪيس بيدخل ڪيو ويو، پر هن مون سان ان ڳالھ جو ذڪر ئي نہ ڪيو، گھڻي عرصي کان پوءِ مون کي خبر پئي ۽ مون ڪانئس پُڇيو تہ چيائين يار! ”قومي فرض نڀائيندي اهڙيون قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن.“ سندس واتان اِهي لفظ ٻُڌي مُنهنجي اندر ۾ هن لاءِ محبت جو سنڌو جڻ تہ ڇوليون هڻڻ لڳو هو.

ساجد، بنيادي طور تي اهڙي علائقي سان واسطو رکندڙ آهي، جيڪو قبائلي ذهنيت جو آهي، پر هي فقير منش ماڻهو انهن کان گهڻو ڏُور رهيو آهي، هن جي دل ميڻ جيان نرم ۽ ماڪ ڦُڙن جيان پوِتر آهي، سندس چپن تي هميشہ معصوم مُرڪ رقص ڪندي نظر ايندي آهي ۽ اکين ۾ ڏِيا ۽ مٽيا جا موتي پيا پِروئجندي نظر ايندا آهن، هتي مون کي هڪ ڀيرو ٻيهر نارائڻ شيام پيو ياد اچي تہ:

تنهنجين اکين ۾ ڪھڙن تارن جي جڳمڳاهٽ
تنهنجن چپن تي ڪھڙين مُکڙين جي مُسڪراهٽ.

ساجد سنڌي سان مِلي پنهنجائپ جو احساس ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ جو هُو اهڙو تہ محبتي ماڻهو آهي، جو سندس جي وس پُڄي تہ هن سڄي ڪائنات کي پنهنجي دل ۾ سمائي ڇڏي، ۽ پنهنجي سيني دوستن کي اکڙين جي پنبڻين هيٺيان لِڪائي ڇڏي، هن جي دوستيءَ جو مثال اهو ڪافي آهي تہ، هُن پنهنجي دوست جاويد جوکيي جي ياد ۾ ٽي ڪتاب ترتيب ڏئي ڇپرايا ۽ جڏهن سعيد ميمڻ زندگي ۽ موت جي ٻہ واٽي تي هو تہ هُو تمام گهڻو پريشان هو، هن جي خواهش هُئي تہ سعيد تڪڙو صحتياب ٿئي تہ سندس شاعريءَ جو مجموعو خوبصورت پيپر ۽ لي آئوٽ سان ڇپرائي هُن کي





سرپرائيز ڏي، پر زندگي هُن سان وفا نہ ڪئي ۽ مون ساجد جون اکيون ڪيترا ڏينهن روئڻهارڪيون ڏٺيون، ساجد جيڪو زندگيءَ جي ڀرپور اُمنگن سان ٽهڪ ڏيئي ملندو هو، اُن جي گلي مان جڻ تہ ٽهڪ موڪلائي ويا هُئا، هُن جي چپن تي جيڪا مسڪراهٽ هوندي هُئي، سا ڪيترائي ڏينهن ڪانئس رُٺل رهي هُئي، اُن بعد جڏهن هُن واپس پنهنجي زندگيءَ ڏانهن موٽ کاڌي هُئي تہ هُو مسلسل سعيد تي لکندو رهيو، سعيد جون ساروڻيون سليندو رهيو، اهو آهي سندس دوستيءَ جو وڙ، جنهن تي مون سميت سيني دوستن کي ناز آهي.

هُو جيتوڻيڪ مانيٽو آهي، هن ۾ ڪا ٻہ نهنائپ نہ آهي، پر جڏهن هن جي شاعر واري رُوپ کي ڏسجي ٿو يا هن جي ڪالم نويس واري پاسي جو مشاهدو ڪجي ٿو تہ هُو ڪجھ بدليل بدليل نظر اچي ٿو، هُو ڪيترين ئي لڪٽين ۾ سراپا احتجاج بڻيل نظر اچي ٿو، هن جا ڪيترا ڪالم منهنجي نظر مان گذريا آهن، جن کي پڙهندي مون کي ساجد اُهو ناهي لڳندو، جيڪو معصوم مُرڪ سان آجيان ڪندو آهي، اهڙيءَ ريت سندس شاعري نہ فقط رومانس سان ڀرپور آهي، پر ان مان هُو راھ جو ڳولائو آهي، منزل جو متلاشي آهي، خوف مان نڪرڻ ٿو چاهي، خاموشي ٽوڙي نئون جهان اڏڻ ٿو چاهي، مثال طور سندس غزل جا هي ٻہ بند پڙهي ڏسجن:

لُڙڪ ڇوليون، تون ۽ مان، خوف-گوليون، تون ۽ مان،
منزلون سپ، مام ۾، راھ ڳوليون، تون ۽ مان.
ماٺ ٽوڙي چونہ ڪا، ڳالھ ڪوليون، تون ۽ مان،
رات ۾ ڪا رمز آ، چنڊ-ڏوليون، تون ۽ مان.

يا وري سندس هي نظم پڙهي ڏسجي، جنهن ۾ فڪري



گهرائي بہ آهي، وڇوڙي جا وڍ بہ آهن، اُلڪا ۽ اُڌڪا آهن، درد سان ڀرپور هن نظم جو تخيل ڏاڍو سگهارو آهي، جيڪو سنڌس شاعراڻي اُڏام کي نروار ڪري ٿو:

مِلڻ کان اڳي ئي جُدا يار ٿيندو،
نہ ئي حال ڏسبو، نہ احوال ٿيندو،
اکين کان ڪِنارا ڪوهين ڏُور آهن،
نہ صحرا آ ساٿي نہ ئي سمنڊ پنهنجو،
نہ اُڃ ۾ مُئاسين نہ ڪُن ۾ ڪِرياسين،
عجب وير پنهنجو بہ تقدير سان آ،
زماني جي جڪڙيل زنجير سان آ،
فنا لافنا کان پري ئي پري ٿي،
اسان پيار پنهنجو لِڪائي رکيو آ،
نہ ئي هڪبئي کي ڀُڏائي سگهيو آ،
مگر ڪُجھ تہ ڪنهن کي وري ڳل پئي آ،
حياتي هٿن مان بہ ڪِسڪي وئي آ،
لڳي ٿو وري ڪو وڇوڙو وڏيندو.

ساجد جتي وڇوڙي جي ورلاپ جون ڳالهيون ڪيون آهن، اُتي هن اُن ڇهري کي بہ ساريو آهي، جنهن جي نقش نيڻن ۾ هُن پاڻ وڃائي پاڻ ڳولهيو آهي ۽ اُنهي ڳولها ۾ هُو ڪيترو سڦل ٿيو آهي، اها تہ پروڙ ڪيس ئي هوندي، پر هُو ان ڇهري جي تصور کان آجو ٿي نہ سگهيو آهي:

ڀري ٿي رهڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،
لِڪان جي، لڪڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،
ڇڪي ٿي، ڇنڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،





ڇوان ڪُجھ، ڇوڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،
عجب آ ڪشش تنهنجي ڇهري ۾ جانان!
ڏِسان ٿو، ڇُهان ٿو، ڪٽان ٿو، ڇُمان ٿو،
ڇوان ڪيئن، توکان سوا جي سگهان ٿو!

دل تہ چئي ٿي ساجد جي شاعريءَ تي ڳالهائيندو وڃجي، پر هتي مون کي ساجد جي شخصيت تي بہ لِکڻو آهي، ساجد جي سياءَ تي ڳالهائڻو آهي، ساجد جي ٽهڪن مان لُطف اندوز ٿيڻو آهي، ساجد جي ڀريت کي ونڊڻو آهي، ساجد جي ساڻ تي سوچڻو آهي ۽ سوچڻو آهي سنڌس عشق تي، جنهن هن کي پيڙا جو پنڌ ڪرايو آهي، هيءُ پڻ انهي سٽ جو سارٿي آهي، جنهن تان گذرندي ڪيترن جا پير پٿون ٿيا آهن، هيءُ پڻ انهي پنڌ جو پانڌيڙو آهي، جنهن پنڌ ۾ رُڪو رُڪاوٽون ئي رُڪاوٽون آهن، هيءُ پڻ انهي راهہ جو رمتو جوڳي آهي، جنهن راهہ تي رمندي ڪيترا ئي بنواس پوڻ تي مجبور ٿيا آهن.

ساجد نهايت ئي ماٺيڻو ۽ مانجهي مڙس آهي، هن جي شخصي ۽ تخليقي زندگيءَ جو ڇيد ڪجي تہ ساهميءَ جا ٻئي پُڙ برابر جا بيهندا، ڇاڪاڻ جو هُو جيڪو شخصي طور آهي، اُهو ئي هُو تخليقي طور نظر اچي ٿو، سنڌس ڇهري تي ڪوبہ نقاب چڙهيل نہ آهي ۽ هُو آئيني جيان اُجرو آهي، هُو نہ فقط شخصي رُوپ ۾ مانائتو ۽ وڙائتو ماڻهو آهي، پر هُو هڪ شاعر ۽ هڪ ليکڪ جي رُوپ ۾ بہ اوترو ئي مان لهڻي ٿو.

**علي نواز آريسر**



## سمبارا

نيڻ نَديءَ ۾ رَقصان پاڇا...

ڪانهَ ڪنديءَ جون سرگوشيون،
ڪَن پل مرڪن، ڪن پل سڏڪن،
ڳالهه ڪُنَنَ جي ڪَن آ پهتي،
لهرون لهرون ساڳي سُس پُس،
هِن رُت ڪهڙي راند رچائي،
اُڀ جو سينو سوڙهو ٿي پيو،
بادل ناسي ڳاڙهو ٿي پيو،
ڀَن ڀَن پنهنجي منهن ٿي پُٽڪيو،
ڪنهن جي ڪَن جي والي لهندي،
واليءَ جو دستور اهو آ،
پر اڄ واءُ وراڪا وڄ جا،
روپ متائي اڇٽا آهن،
نينهن نشي ۾ نچٽا آهن،
ڪنهن ڪي ڪو به نه ڳولي سگهندو،



پنهنجو پاڻ نه ڀولي سگهندو،
استوپا جو روشن ٽيو آ،
سمبارا ڀي انگ اگهيو آ،
هو ڏس ديپ ٻرن ٿا پوءِ به...
پل پل پاري پيرَ ڪَڇن ٿا،
رات ٿڌيءَ ۾ ساز وڄن ٿا،
ڪو سِرُ سُرَ ڪان خالي ناهي،
هر ڪو پنهنجي ڌن ٿو ڳائي.

نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا...

مَٽ ۾ هستي مستي اوتي،
اڌ اگهاڙا هيڏي هوڏي،
هر ڪو پنهنجي راڄ جو راجا،
رياست جو مهمان بڻيو آ،
واليءَ جو سر-تاج انوکو،
ڪاوا-ڪاوا تجلا ڪائي،
سمبارا جي سونهن سان ڪيڏي،
آقا جو تو رعب وڌائي.

نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا...

هوءَ جا انگ اگهاڙي هر پل
ڇم ڇم ڇم ڇم ڇير وڄائي
سا ري گا ما پا دا ني سا،




ورلاپــن جــي رمــز ۾ گُــم تــي،
هــوءَ جا نــاچ نــچــي ٿــي وک وک،
ڪــايــا-مــايــا رقــص ۾ آهــي.

نــيــڻ نــديءَ ۾ رقصان پــاڇــا...

ٽپ ٽپ ٽپ ٽپ گهنگهرو ڇڻڪن،
تن من جهوميو، ڇاتي ڇُلڪي،
مدهوشن جون وحشي نظرون،
اُپريل چوٽين منجهه ڇُپين ٽيون.
پر هوءَ بند اکين ۾ هٿ سان،
جڻ تہ هوا ۾ نقشا ٺاهي،
ڪا تہ پرولي سلجهائي ٿي،
پنهنجو پاڻ کي سمجهائي ٿي!
هر ڪو تن جو پوڄاري آ،
من جو ڪوئي ميت بہ کهڙو،
ساز بنا سنگيت بہ کهڙو،
پاڻ وڃائڻ پرتوو پنهنجو،
پنهنجي نَٽَ جي ڪٿ نہ ڪائي،

نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا...

متڪيون مڌ جون خالي خالي،
سڀ ڪو اوتي اڃلي ٿو جڻ،
هيسيل هرڻي ساڻي ٿي آ،





رعايا لئہ ڏُکِ پاڻي ٿي آ،
ماس پتڻ لئہ آتا عادي،
رانيوٽين ٿا سينو پنهنجو،
نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا...
راجا سِرَ تان تاج هٽائي،
تخت ڇڏي تلوار ڪٽي ٿو،
چوڌاري هُل، آهون دانهون،
هرڻيءَ جو هڪ پير ڪٽيو آ،
اُپ جي چادر ميري ٿي پئي،
وڃ جو واڪو ڪنهن نہ ٻڌو آ،
محلاتي ديوار ڊرا ٿي،
تخت ٽٽو ۽ تاج پري پيو،
سمبارا جي چير ٽٽي ۽
استوپا جو ڪنڌ جهڪي پيو.

نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا...

سمبارا جو رقص اُهو ئي،
اڄ پي ٻيجل جي ساز اڳيان،
پنهنجو پاڻ کي واري ٿو ۽،
سيئي رنگ اُڏاري ٿو جڻ،
هوليءَ جو تهوار هجي ۽ ،
هر هڪ پنهنجي خوديءَ ۾ خود،
جيون ۾ هُو رنگ پري ڪي،
ڪوڙي هام ولوڙي ٿو ۽،



روز اکين مان ڳاڙي ٿو جي،
ڳاڙها ڳوڙها هار ازل جا،
ڄڻ تہ اڌورا خيال غزل جا،
لفظن ۾ پر ڳائڻ کان اڳ،
پنهنجو پاڻ وٽائڻ کان اڳ،
من جا موتي ميڙي ٿي کا،
جاڳ جا خواب جنجهوڙي ٿي کا،
من جو ميت نہ ورلي ملندو،
جيون جوت جلائي هلندو،
آخر اهڙو جيون کهڙو،
خاڪ اميدون خالي خالي،
ڪيسين خواب سجائي هلنديون،
ناٽڪ رت جا رشتا سارا،
پنهنجين مستين موجن ۾ گم،
پل پل درد اکوڙن ٿا ۽،
دل جو درپن ٽوڙن ٿا ڄڻ.

نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا...

هو ڇا ڄاڻن جنم کهاڻي،
روپ نئون ۽ ريت پراڻي،
سال پڇاڻان پند آ ساڳيو،
سورت سڌ يا کند اياڳو،
پاڻ ازل کان رقصان رقصان،
ڪنهن ندوري نينهن ۾ ڪڙهجي،



ڪنهن جي ڳل جو هار نہ ٿيٽي،
راجا... ٻيجل خار نہ ٿيٽي،
آنءُ تہ ساڳي رمتا جوڳڻ،
سڀ سان نينهن نڀائڻ ڄاڻان،
تنها رڻ ۾ ساٿي منهنجو،
پاڇو پار پڇائي ڏسجو،
آنءُ تہ راڻي راڄ سندي هان،
منهنجو راجا رب ئي ڄاڻي،
سمبارا جو سڌ ورنائي،
ور ور ريت نڀائي هيڪل،
ساز سزا جي وائي هيڪل،
گام گهڙي هر ڳائي هيڪل،

نيڻ نديءَ ۾ رقصان پاڇا...

پوءِ بہ ڪاتب ڪين ڪڇي ٿو،
راهہ اٽانگي نقش ڏسي ٿو،
تنبوري جي تار ڇُهي ٿو،
بند اکين سان خواب ڏسي ٿو،
سمبارا جي ڇير ٽٽي ۽
استوپا جو ڪنڌ جهڪي پيو.







ابـتـدا ۽ انـتـها، فُـٽ پـاٽ تـي،
ڪـيـترا ٿـيا واعـدا فـٽ پـاٽ تـي.

روز ٿي تخليق وهنجي خون سان،
روز ٿـيـن ٿـا حـادثـا فـٽ پـاٽ تـي.

رات آڌيءَ جـو ڏسـان ٿـو مـان وري،
گڏ ستل ماڻهو-ڪتا فٽ پاٽ تي.

مون اڪيلي ڪان نہ ٿـو ڪـٽجي سفر،
لفظ روئندي ڪنهن ڇيا فٽ پاٽ تي.

پاڻ سان گڏ پنهنجي منزل ٿـي ملي،
او مسافر! مـوت جا، فـٽ پـاٽ تـي.

سڀ هليا ويا هيڪلا هن پار ڏي،
ساڻ مون سان درد ها، فٽ پاٽ تي.

وچ ڇري! ’ساجد‘ تہ وچـڙو هـو ويـو،
هاڻ تـنهنجو ڪير آ فٽ پاٽ تي.






مـن تـہ بـدن ۾ سـڏڪـي ٿـو،
گـهـاءُ ڪـفـن ۾ سـڏڪـي ٿـو.

ڳـوڙهـن سـان جـو رلـجـي ويـو،
خـون خـطـن ۾ سـڏڪـي ٿـو.

تون ڏِس، هو ڏِس، هي ڇا ٿـيو،
چـنـڊ گـگـن ۾ سـڏڪـي ٿـو.

ڪـهـڙو واءُ گـهـلـيـو آ جـو،
گـل بہ چـمـن ۾ سـڏڪـي ٿـو.

سڀ ڪـان چـوريءَ لـڪـيـو مـون،
نـانءُ هـٿـن ۾ سـڏڪـي ٿـو.

ڳِـوتـا ’سـاجـد‘ سـرجـي ٿـي،
پـيـار پـنـن ۾ سـڏڪـي ٿـو.

اوهان ۾ اسان، ڪاغذ جو رشتو،
وساريو متان، ڪاغذ جو رشتو.

اڌوري ڪهاڻيءَ جا ڪردار ٿيا هون،
شروع ٿيو جتان، ڪاغذ جو رشتو.

وري اجنبيءَ جو ڪاغذ مليو،
لکيل هو مٿان، ڪاغذ جو رشتو.

صدين جي مسافت ناهي دوري،
رڳو ٿئي عيان، ڪاغذ جو رشتو.

ڏنو نانءُ جيون منهنجي کي تو،
ڪِلي پيار مان، "ڪاغذ جو رشتو".

نہ ملندي، ملڻ پي آهہ ڏيندو،
ڪڏهن پي ڪٿان، ڪاغذ جو رشتو.

نہ ويساهہ 'ساجد' رشتي ٻئي تي،
رکيو يار سان، ڪاغذ جو رشتو.





جيءُ ڪيڏو جُهري ٿو بارش ۾،
گرم پاڪر گهري ٿو بارش ۾.

پاڙ شايد وري بہ ملٽا هون،
ديپ ڪوئي ٻري ٿو بارش ۾.

ٻار خوش ٿي ڪلي ڪُڏن ٿا پر،
ڪو پکي آ، مري ٿو بارش ۾.

لڙڪ، يادون اڳيان ڪئي منظر،
ساهہ ٿڌڙا ڀري ٿو بارش ۾.

مون ڪي هيڪل ڏٺو نہ ٿيو هُن ڪان،
درد واپس وري ٿو بارش ۾.

رات اونداهہ ۾ اڪيلائي،
هانءُ ڪيڏو ڏري ٿو بارش ۾.



وري لهي بدن مٿان، پَٽي گَٽي وڍن پيا،
ڇِتا ڪتا سمهن نہ ٿا، اڃان بہ تون آن ننڊ ۾،
وجود گهاءَ ٿي سهي، لڇان ڪڇان رڙان بہ ٿي،
لهو لهو ٿي ماءُ آ، اڃان بہ تون آن ننڊ ۾.

زندگيءَ کان گلاب ڇني ورتا هن.
هٿ ٻڌي خدا کان ٻنهي ورتا هن.
اڄ تہ پيئڻ ڏيو ساقيءَ هٿان مئہ،
پيار جا هي ٻہ پل مس تہ پني ورتا هن.







تو جي هَٿن سان رِکيا،
ڪتابن ۾ گُل
ڪيئن وساري سگهبا.

وڇڙڻ ويلي او مٺي!
تنهنجا نيڻ پنل
ڪيئن وساري سگهبا.

تنهنجا پيڙا جي وچان،
پويان لفظ ڇيل
ڪيئن وساري سگهبا.

سپنا تنهنجا ها سڪي!
ڇڻ ڪي ريت محل
ڪيئن وساري سگهبا.

تو سنگ جي گهاريا
جيون جا سي پل
ڪيئن وساري سگهبا.

## او ڪَجِين جي شهر واري ڇوڪري!

او ڪجين جي شهر واري ڇوڪري!
ڇا خبر توڪي حياتي تو سوا،
اڻ ڇُهيا ڪي خواب رستن تان ڪٽي،
اڻ ڏٺي ڪنهن ماڳ ڏي جهاڳي پئي،
ها صدين جا گهاءَ سيني ۾ رکي،
ٻاٽ ۾ تنهن لاٽ لئه تانگهي پئي،
جا وٺي تنهن راهه تي آڻي وري،
جِت ملڻ پنهنجو ٻٽيو اتفاق پر،
ٿهڪ، مرڪون، لڙڪ، دڙڪا، محبتون،
اڻ ڇهيون اڻڏنڊڙ ڇميون احساس جون،
چاهه جا آڇيا گلابي گيت ها،
۽ هوائن جا سنيها بي خبر،
رات جي آغوش ۾ ها ديپ جڻ!
ساهه جي ڪنهن تار ۾ سنگيت جڻ!




منتظر من تو پسڻ جي جستجو،
همسفر باندي ڇتائون آس جون،
گڏ جليون مونسان هلي هر موڙ تي،
موت ڪان اڳ شل مٺي! توڪي پسان،
مُک پري ٻڪ ۾ حَسين چهرو چمان،
لڙڪ تنهنجا مان ڪري امرت پيئان،
پر مٺي! خود ڪي هوا جهونڪو نه ڇهئه،
ساهه ڪوسا، سرد موسم سار ڪجهه،
رات ننڊڙي، اڻ ڳٽيون ڳالهيون ڊگهيون!
گڏ سنڌوءَ سان نانءُ پنهنجو وار ڪجهه،
آ قسم توڪي حَسين تنهن رات جو،
آرزو هي آخري آ، اچ وري،
مانِ اياڻو تون مسيحا، جَل پري!
او ڪَجِين جي شهر واري ڇوڪري!
او ڪَجِين جي شهر واري ڇوڪري!



نيڻ تنهنجا آسمان جو سوجهرو،
چارسو جڻ ڪُل جهان جو سوجهرو.

جسم تان پردا پري تو ڇا ڪيا،
رقص ۾ آ ڪهڪشان جو سوجهرو.

ڏور تائين ٿو ورهائي روشنيون،
رات ڀر تنهنجي مڪان جو سوجهرو.

من مندر ۾ ٿي وسي هڪ مورتي،
عارضي ناهي، جوان جو سوجهرو.

تنهنجي ڪاري ٽِڙَ مٿان لهندو اڇي،
ٻن ڇپن جي ڪاروان جو سوجهرو.

تو ڀڳو آرس وري مدهوش ٿي،
آرسيءَ لئہ امتحان جو سوجهرو.

پاڻ ’ساجد‘ ڀاڪرن ۾ پر مَتي،
چنڊ ۾ هو بدگمان جو سوجهرو.







ڏات خنجر، ڏار آهي شاعري،
ڪا ڪويءَ ڪوڪار آهي شاعري.

لفظ سارا تو جيان معصوم ها ،
مون نپايا پار، آهي شاعري.

مان ٽٽل هان ريت جو راهي مگر،
راهہ ۾ ڇڻڪار آهي شاعري.

سوچ تنهنجيءَ ۾ عجب ميناج آ،
جڻ تہ ماڪيءَ لار آهي شاعري

تنهنجي ڇپڙن ساڻ جا جهونگارجي،
ڪين ٿي سا يار! آهي شاعري.

سنڌ! تنهنجي سينڌ جو سندور آ،
غير لئہ ڦٽڪار آهي شاعري.

چؤطرف هن عڪس ساڳيا رقص ۾،
”جڻ پرينءَ جي سار آهي شاعري“

هر سبق ’ساجد‘ ڪچو رهجي ويو،
ماستر جي مار آهي شاعري.





سوچَ اُٿاهَه سمنڊ ۾، اندر ساڳي آس،
هي جا هيڏي پياس، ڪير اُجهائي اڳ ۾.

ڪير اجهائي اڳ ۾، هي جا ٻري آڳ،
ماٽيندا سي ماڳ، موت جن جي مُٺ ۾.

موت جن جي مُٺ ۾، ماڻي سو مومل،
ڪيڏا ٻه هجن هُل، چاهي ڪاڪ ڪنڌين تي.

چاهي ڪاڪ ڪنڌين تي ، وڇائين ٿو خار،
جوڙيان وينو هار، ڪنڊا سڀ ڪنول ڪري.

ڪنڊا سڀ ڪنول ڪري، ويندي واٽ ڪنيا،
تو جي يار هنيا، ڪندي پرک پيار جي،

ڪندي پرک پيار جي، مٿان وڇائين پاڻ،
اسان ڪنهن جي ڪاڻ، وساريو پنهنجي وجود کي،

وساريو پنهنجي وجود کي، چڏين سي ئي شخص
’ساجد‘ جيڪي رقص، ڪندا ٿانڊن جي مٿان.





نيڻَ مسجود تو درَ دعا عيد تي،
پيار ڪنهن کان نہ ڪس اي خدا عيد تي.

ڪوڙ پاڪُر مليا، سڀ ها واقفَ مگر،
ڪوبہ پنهنجو نہ هو، چوڌِسا عيد تي.

هڪ ڊنل نينگري، ٿي پڇي ”او امان“.
رت نِما ٿي لڳي، ڇو حِنا عيد تي.

هر گِهٽي گَهر اڳيان شورُ ٻارن جو هو،
جهولَ خالي گهراٽا رُنا عيد تي.

جَڳ جلادي هَٿان ٿي مَسيحا قتل،
درد جا گيت ٻٽبا دوا عيد تي.

بي شرم ڪر قِٽي، تَخت ۽ تاجَ ڪي،
”سنڌ جا ها اجهاٽل اجها عيد تي“.

تَرس ’ساجد‘ اسان ڀي اِجهو ٿا اَچون،
مئڪدي منجهہ هوندا، مزا عيد تي.



سجايون ڪنهن اميدن جون، مزارون منهنجي نيڻن ۾،
حَسين ڪتبا ويون بڻجي، نِهارون منهنجي نيڻن ۾.

هوا جا او گرم جهوٽا! خِزان کي ڇَڏ وجي گذري،
گهڙي پَل لئہ، پَون ترسي، بهارون منهنجي نيڻن ۾.

اسان مرڪون ورهايون پئي، اوهان خاطر جڏهن جانان!
ٻڏيون بي انت لڙڪن جون، قطارون منهنجي نيڻن ۾.

اوهان ڪنهن ويس ڳاڙهي ۾، ٿيا راهي مگر اڄ پي،
پڙاڏو ٿي ڪي گونجن ٿيون، پڪارون منهنجي نيڻن ۾.



انصاف جي اکين تان ڪاري پٽي تہ کوليو،
هن ديس ۾ امن جا، پنڇي اڏي مرن ٿا،
عادل وٺڻ پڳو اڄ، خود عدل ڪٺهڙي ۾،
گولن، لٺين جا تمغا، بدلي ۾ ڇو ملن ٿا؟

رِوئن رت ڦڙا اکيون ڇو نہ پنهنجون،
اَجها ٿي اباڻا، تہ بلڊوز ويا هن.
نئين ڳالهہ ناهي، هي پيٽن جو وڪرو،
اسان کان کسيا حق، هر روز ويا هن.




ساقيءَ نظرن ۾
مَئہ جي پيالن ۾
پيار اسان پاتو.

بوند برهہ برسي،
زُلف جهڙالن ۾
پيار اسان پاتو.

جي ٿي روز پڇين،
سانئڻ سوالن ۾
پيار اسان پاتو.

پلڪن پريم پسيو،
نيڻن آلن ۾
پيار اسان پاتو.

سوچون شعر بڻيون،
'ساجد' خيالن ۾
پيار اسان پاتو.









## ادي پنکي!

سُتينءَ رت جو ڪفن اوڍي،
مٽيءَ جي مهڪ جاڳي ٿي،
شهيدن جو ڇپر ڇا پيو،
ڳڙهيءَ ڳاڙهي ڍڪي چادر،
مٿل محشر سدا چوڏس،
لڪين آواز گونجن ٿا،
حُسيني ساز گونجن ٿا،
صدائن جا پڙڏا هن،
زمين غمناڪ ياري آ،
تتل جڻ تيز واري آ،
اگهاڙا پير ڦٽجن ٿا،
اکيون پرسوز پٽراليون،

صدين کان جڻ هجن آليون،
متو ماتم وئي تنهنجي،
سچو عالم چئي تنهنجي،
اجـــان واري آ وارن ۾،
ســراپـا ســور ڌرتـــي آ،

اٿن هت روز ڪوفي ڏانهن،
يتيمن جا، غريبن جا،
ستايل رهگذارن جا،
گهڙي جنهن پل ڏسن توکي،
ادي بي بي! ادي پنڪي!
ڪٿي تصوير تنهنجيءَ کي،
روئي سيني جي لايون ٿا،
اڇي چهرو، اکيان تنهنجو،
ملڻ، مرڪڻ، کلڻ تنهنجو،
اسان جي مسڪرايون ٿا،
پيانڪ روپ پايون ٿا،
جڏهن چائنٽ اچئون تنهنجي،
چئون ڇا ڇا، ڏسئون ڇا ڇا،
لڇئون ڪيڏو، ڪچئون ڇاڇا،
ادا تنهنجا، ابا تنهنجو،
اُنهن جي پر سُتل توکي،
اکيون ڪٽ سپ ڏسي سگهنديون،
مگر سر سان ڪفن اوڙهي،
اسان کي هاڻ اچڻو آ،







حقن خاطر، وطن خاطر،
وري ڪنهن باهه پچڻو آ،
رسم تنهنجي رکي جاري،
سدا سر گهور ڪرڻو آ،
اسان کي سنڌ ساريءَ لئه،
پٽائيءَ پونءِ پياريءَ لئه
اجان ڪرڻا ڪشالا هن،
هتن ۾ ڏس مشعالا هن،
چپن تي تنهنجا نعرا هن،

سوين گوليون، هلن گولا،
زمين ٻٽجي وجي شعلا،
شهيدن جو ڇڏيل رستو،
وٺي واپس نه ورڻو آ،
اجان اگتي، اجان اگتي،
جتي ڪوفين، قطارون هن،
يزيدي کي پچارون هن،
ڪٿي سي ڪند هلڻو آ،
رسي منزل نه رڪڻو آ،
وري اگتي، اجان اگتي،
مگر ڪڏهين؟ مگر ڪڏهين؟
اهو هڪ سوال توکي ٿو،
ڪجي ڇا حال روکي ٿو،
مليو جو مال روکي ٿو،
اجان بئي سال! پونکي ٿو،

ڪڏهن بدلا نہ ورتاسين،
وجي آمر سان پرتاسين،
ادي بي بي! ادي پنڪي!
ڪري تون معاف ئي ڇڏجان،
اسان مردن، شهيدن جا،
هميشہ ڪان ئي وارث هون،
رهيو بس روڄ راڙو آ،
ڪرڻ ڪان ڪجھہ اياڻا هون،
ادي بي بي! ادي پنڪي!
ڪري تون معاف ئي ڇڏجان،
ڪري تون معاف ئي ڇڏجان.



ڪائي آرزو ڪيان ٿو.
مان رت سان وضو ڪيان ٿو.

رستو پُلصراط جو آ،
پوءِ بہ جستجو ڪيان ٿو.

جڻ تہ وجود جو حصو آ،
ڳالھہ بہ هوبهو ڪيان ٿو.

ڏپ آئي منافقيءَ جي،
هن سان گفتگو ڪيان ٿو.

لفظ بہ ويس ٿا مٽائن،
شامل جي لهو ڪيان ٿو.

’ساجد‘ وقت جي تپش ۾،
خود کي روبرو ڪيان ٿو.




رات ڏِٺا سَپنن ۾ شيشا،
پئي ڇُپيا نيڻن ۾ شيشا.

يادن جو ڪو وسڪارو هو،
جڙ تہ ڪِريا پٽرن ۾ شيشا.

تو در ايندي پير ڦٽي پيا،
وڪريل ها رستن ۾ شيشا.

تنهنجي تصور ڪان پي ابتڙ،
منهنجي ها دامن ۾ شيشا.

شيشن پي شيشو نہ سڃاتو،
گم ٿي ويا شيشن ۾ شيشا.

ڳوتا منجھ رکي آ دل مون،
تو تہ رکيا لفظن ۾ شيشا.

پوءِ بہ ‘ساجد’ سجدا هوندا،
پل تہ لڳن سجدن ۾ شيشا.





سونهن کي سجدو ڪجي، ڪافر ٿجي،
چونہ تنهنجي در اڳيان حاضر ٿجي.

ماٺ ۾ ڪو سڏي مشرڪ متان،
دل چوي ٿي لوڪ ۾ ظاهر ٿجي.

هڪ ”رسيدي ٽڪٽ“ لکجي ڪا وري،
پوءِ امرتا، چونہ جي ساحر ٿجي.

منهن محرابي مٿو هرهر چمان،
بس نمازِ عشق جو ذاڪر ٿجي.

پل حياتي پيار لئہ ٿوري هجي.
پر نِگاهہ يار ۾ ساغر ٿجي.



پاڻ کي مون گھٽو سمجھايو، پنھنجي تعاقب ۾.
يار! پنھنجو ئي اٿئي سايو، پنھنجي تعاقب ۾.

ڪنھن تہ ڪنھن جي نگاھن ۾، ڪنھن کي چاھيو ڳولڻ،
ڪنھن تہ خود ڪان پئي گھبرايو، پنھنجي تعاقب ۾.

زندگيءَ جي حد ڪان ماپي، ھو ڏسي ھڪ پوڙھو،
بس اندازو لڳائي آيو، پنھنجي تعاقب ۾.

بي رخي جي سوا حاصل ٿيو ٻيو ڪجھ ناھي،
جانِ جان توکي ئي پرچايو، پنھنجي تعاقب ۾.

خواب رَلجي پيا ھيڪاندا، رستي ويندي پر،
مون تہ ھر درد کي ڳل لايو، پنھنجي تعاقب ۾.

نيٺ ’ساجد‘ وري پلجي پٽڪي واپس ايندي،
پاڻ کي پاڻ ۾ ئي پايو، پنھنجي تعاقب ۾.





دل تہ تنھنجي چاھ ۾ گم ٿي وئي،
جڻ سُئي درياھ ۾ گم ٿي وئي.

مان مسافر ۽ انڌيرو چوڌسا،
روشني چو راھ ۾ گم ٿي وئي؟

ياد جو ڏيئو جلايان رات پر،
آس ڪنھن جي آھ ۾ گم ٿي وئي.

ھا ھٽي پل نفرتن جا تير، جو،
دل چري ساراھ ۾ گم ٿي وئي.

ھي بہ متلاشي رھي ڪاغذ سندي،
ناوَ وچ درياھ ۾ گم ٿي وئي.

جستجو ڪيڏي ڪئي مون دل مگر،
درد جي درگاھ ۾ گم ٿي وئي.

منھنجي ساري زندگي ۽ شاعري،
ھا سچل ۽ شاھ ۾ گم ٿي وئي.

سازشون ’ساجد‘ نہ سمجھي دل سگھي،
ھوءَ ھن جي ناھ ۾ گم ٿي وئي.



اسان جي آس جي ريڪا،
ٽٽي وشواس جي ريڪا.

اسان جا خواب صحرا ۾،
اسين بنواس جي ريڪا.

اسان تنهن سمت جا راهي،
ڏسون جت ٽياس جي ريڪا.

اسان جي دل ٻه ٽر وانگر،
اسان هون پياس جي ريڪا.

اسان سان گڏ رهي ’ساجد‘،
صدين کان تاس جي ريڪا.









روح روڳي نه ساٽو ٿيو،
پيار ڪيڏو پراٽو ٿيو.

لفظ، معنيٰ ڇا سمجهي ويو،
نيت پنهنجو پڇاٽو ٿيو.

ٻاٽ رستو نه روڪي سگهي،
ڏور خود کان نڪاٽو ٿيو.

ڪو ٻه پنهنجو نه آيو ڪهي،
سڏ پري لاڙڪاٽو ٿيو.

ها وري تنهنجي دڙڪي اڳيان،
نينهن نرجو نماٽو ٿيو.

مرڪ هڪڙي مٿان موهجي،
پاڻ واري وڪاٽو ٿيو.

زندگي پر ڏسي جهول ٿو،
پر نه ’ساجد‘ سياٽو ٿيو.



زميني ڪٿائون، زمانو ڇا ڄاڻي.
اسان جون وفائون، زمانو ڇا ڄاڻي.
حقيقت تان پردا، هٽائڻ جي بدلي،
سَٽيون جي سزائون، زمانو ڇا ڄاڻي.

عشق ۾ جنون چاهي ٿي.
شاعري ۾ خون چاهي ٿي.
مان ته مئڪدو ڇڏيان، پر،
زندگي سڪون چاهي ٿي.





آئيني آڏو،
پنهنجن نيڻن ۾،
تنهنجو عڪس ڏٺم!

ڪوليم خط تنهنجو
سيني اکرن ۾،
تنهنجو عڪس ڏٺم!

سٽون سرجڻ لڳيون
۽ پوءِ لفظن ۾،
تنهنجو عڪس ڏٺم!

هر هر نيڻ پليا
ڪيڏن ڇهرن ۾،
تنهنجو عڪس ڏٺم!



## لڳي ٿو وري ڪو وڇوڙو ويندو!

وري روح لفظن ۾ تڙپي اُٿيو آ.
وري ڪاغذي ڪهڪشان ڪو جُڙيو آ.
وري رات ساڳي ڪٿا ٿي ٻڌائي،
وري چنڊ اُپ تان چِتائي ڏسي ٿو.
وري هير ٿڌڙي وراڻي ٿي پاسا،
لڳي ٿو وري ڪو وڇوڙو ويندو.

ملڻ ڪان اڳي ئي جدا يار ٿيندو،
نہ ئي حال ڏسبو، نہ احوال ٿيندو،
اکين ڪان ڪنارا ڪوهين ڏور آهن،
نہ صحرا آ ساٿي نہ ئي سمنڊ پنهنجو،
نہ اُڄ ۾ مئاسي نہ ڪُن ۾ ڪِرياسين،
عجب وير پنهنجو بہ تقدير سان آ،

زماني جي جڪڙيل زنجير سان آ،
فنا لافنا ڪان پري ئي پري ٿي،
اسان پيار پنهنجو لڪائي رکيو آ،
نہ ئي هڪٻئي کي ٻڌائي سگهيو آ،
مگر ڪجھ تہ ڪنهن کي وري ڳَل پئي آ،
حياتي هٿن مان بہ ڪسڪي وئي آ،
لڳي ٿو وري ڪو وڇوڙو ويندو.

نئون درد ڏيندو چني پيار ويندو،
اجان ڪين اکڙين شرارت سکي آ،
مٺي مند ڪان پي نہ چاهت پني آ،
ملاقات جا پل نہ ويجهو وريا هن،
اجارا چپن جا ڪنارا رهيا هن،
بدن کي نہ بارش پنڻ هاڻ ايندي،
صدين جي ٿڪاوٽ ختم ڄاڻ ٿيندي،
صدا ڪا سڏي ٿي انوکي اجاري،
لڳي ٿو وري ڪو وڇوڙو ويندو.

پرين پيار پنهنجي نہ اظهار آندو،
نہ اقرار آندو نہ انڪار آندو،
عجب چاهتن جو ڪو اسرار آندو،
اگر پاڻ پنهنجا نہ ٻڏجي سگهياسين،
هٿن جي اشارن جي ٻولي تہ هوندي،
ٻنهي لاءِ ساڳي پرولي تہ هوندي،
پِپر جي پنن جا نشان هيٺ هوندا،




زميني صحيفا گواهہ نيت ٺيندا،
نہ تنهنجا نہ منهنجا جهان جا ئي سڏبا،
پرين پيار پاڇا کي پٽڪي بہ ملندا،
هٿن ۾ڏئي هٿ انهيءَ راهہ رمندا،
جتي پاڻ پنهنجي پرولي پروئي،
جسم ساڻ هو نہ پاڪر ۾ ڪوئي،
نہ خود ئي ختم ٿيو نہ خودي کي ڳوليو،
جتي پاڻ پنهنجي حياتيءَ سان ٻوليو،
لڳي ٿو وري ڪو وڇوڙو وڏيندو،

نہ ڪايا نہ مايا هي سڀ ڪجهہ فنا ٿئي،
ڪٿي شال ڪنهن جي نہ جوڙي جدا ٿئي،
جنم در جنم بس سپن جو خدا ٿئي.
جنم در جنم بس سپن جو خدا ٿئي.





لڙڪ چوليون، تون ۽ مان،
خوف، گوليون، تون ۽ مان.

منزلون سڀ مام ۾،
راهہ ڳوليون، تون ۽ مان.

ماٺ ٽوڙي چو نہ ڪا،
ڳالهہ کوليون، تون ۽ مان.

رات ۾ ڪا رَمز آ،
چنڊ-ڏوليون، تون ۽ مان.

اڄ تہ چاهت ديس ۾،
پاڻ روليون، تون ۽ مان.





الـــوداعـــي وقـــت آ،
ڏور ٿـوليـون، تـون ۾ مان.

موٽ پنهنجي پيار جي،
خارَ جهوليون، تون ۾ مان.

ٿـا قبـولـيـون هـر سزا،
بندَ، کوليون، تـون ۾ مان.

باک ٿينـدي شل ڏسون،
لات لِـوليـون، تـون ۾ مان.

ٿـيا ڇِـتا گـهر جا ڪُـتا،
ٻول ٻـوليـون، تـون ۾ مان.



بَـس ڪـارا وارَ وِکـيـري ڇَـڏ،
دل ٽـٽـنـدي ڪِلـنـدي پـوري ڇڏ.

ڏي مـوکـي! وهـم جا ڏُک پـريـان،
سڀ پنهنجون مٽڪيون سوري ڇڏ.

جئن ڦٽڪان تـنهنجي ٻانهن ۾،
جِي، جان جسم کي جهوري ڇڏ.

ڇـو ايـڏا اکـيـن ۾ تـجـلا ٿـئـي،
ڪجهه پنهنجو پاڻ ٻـه گهوري ڇڏ.

ٿـو در صـديـن کـان کـڙکـايـان،
ڪر هستي هڪ، ڪنهن ٿوري ڇڏ.

هـن راهـه مسافر پـٽـڪـيـل کـي،
اي بـادِ صـبـا، ڇـامشـوري ڇڏ.





اڄ هٿن ۾ آرسي ناهي رهي،
جو اکين ۾ روشني ناهي رهي.

صرف مون سان دوستيءَ جي ڳالھ ڪر،
دشمنن لئہ دشمني ناهي رهي.

هاڻ تنها ٿي گذاري هر گهڙي،
زندگيءَ سان زندگي ناهي رهي.

مسرتون ميڙي وٺان، تون پوءِ اچ،
ڇا ڏيان توکي خوشي ناهي رهي.

ساٿ پنهنجو تون ڇنڻ کان اڳ، مٺي!
سوچ ڪر، سا بي رخي ناهي رهي.

ڪيئن توکي همسفر پنهنجو چوان،
چنڊ! تو ۾ چاندني ناهي رهي.





لِڪائي مُٺ ۾ آڏيءَ ڪي،
ڇُهڻ چاهي ٿو ڇاتيءَ ڪي.

سفر ۾ بس گذر آهي،
ڪجي ڀي ڇا حياتيءَ ڪي.

پٽيو آ ماس ماڪوڙن،
فقيرياڻي-جوانيءَ ڪي.

مٿان هن مان بہ امرت ٿئي،
ڏسو ميري نہ پاڻيءَ ڪي.

پڙهيو ڀي ڪنهن ڪڏهن ناهي،
ڪهاڻي هن پراڻيءَ ڪي.

ڪٿي غم کان نہ گهٻرائي،
نہ بدلايو نماڻيءَ ڪي.

نہ ٿي مقتول ‘ساجد’ اينءَ،
ڪهڻ ڏي تون نہ ڪاتيءَ ڪي.



پُھتا آڏيءَ رات جو،
سپنا آڏيءَ رات جو.

مون وانگي ٿيا هيڪلا،
چارا آڏيءَ رات جو.

ڳولي ڳولي هان ٿڪو،
پنهنجا آڏيءَ رات جو.

پل پل جاڳيا جيءَ مان،
اڌما آڏيءَ رات جو.

يادن جا پاريون اجان،
ڏيئا آڏيءَ رات جو.

ڪيڏا تنهنجا ٿا چُپن،
جملا آڏيءَ رات جو.

'ساجد' تڙپي گيت غزل،
سرجيا آڏيءَ رات جو.







چوي ٿي دنيا، گناهه ۾ هون.
اسان تہ تنهنجي نگاهه ۾ هون.

وٺي هلياسين نہ ڪنهنجي آڳر،
تڏهن ازل ڪان ٿي راهه ۾ هون.

الله پنهنجي اندر ۾ آهي،
اسان بہ شايد الله ۾ هون.

تَرار ڪر پل، اُپي زمانا!
پيار جي خود، پناهه ۾ هون.

رهيو نہ وس ۾ وجود پنهنجو،
الائي ڪنهنجي صلاح ۾ هون.

جدا غمن ڪان ڪري نہ سگهندين،
اسان ازل ڪان نڪاح ۾ هون.

ٽِڙيا نہ 'ساجد' قدم ڪڏهن پي،
نگاهہَ ڪر ڏس نباهه ۾ هون.





ڪنهن تہ تحفو ڏنو ڪفن جهڙو،
مون بہ پاتو وڳو ڪفن جهڙو.

رات ڪاري ملي قبر جهڙي،
ڏينهن ڪوئي لڳو ڪفن جهڙو.

او ستل چنڊ! اڄ بہ توکي ڏس،
ڪڪر ويڙهي ويو ڪفن جهڙو.

جڳ سچورنگ ئي تلاشي پيو،
رنگ ڳولي لهو ڪفن جهڙو.

لاش رت ۾ پڌل ڏسن ٿا سڀ،
ڪنهن نہ ڪپڙو وڌو ڪفن جهڙو.

غور ڪر تون بہ، مان بہ سوچيان ٿو،
ڪيئن جهنڊو لٿو ڪفن جهڙو.

ڪجهہ تہ ’ساجد‘ لکي رکي وڃجان،
ڇڏ نہ خالي پنو ڪفن جهڙو.









لاڏلا هِن، سُکن ۾ پَليا،
غم اسان جي هٿن ۾ پليا.

ڪيئن پنهنجا ڌڪاري ڇڏيون،
خار پي هن گلن ۾ پليا.

ڪا خوشي ڏور مرڪي پئي،
نيڻ غم جي صحن ۾ پليا.

چنڊ مون سان تہ گڏگڏ پليو،
سڀ ستارا گگن ۾ پليا.

ترس ’ساجد‘ تہ ميڙي وٺان،
آس ٽڪرا دڳن ۾ پليا.



قاتلن جي قهر ڪان، ڪانئر لِڪا ڪنهن ڪنڊ ۾،
سنڌ جا ڳوڙها ڳڙيا، ڳل، پير ڳوڙها خون ۾.
گهر اُجڙيا، وَر وڇڙيا، پيڻ ناهي پاءَ سان،
ماءُ جا سودا ڪري صاحب سُتا سڪون ۾.

حَسين غم ڪي، پري پاڪر، جيئون ٿا پيا.
اڪيون پنهنجون رهن ٿيون ترُ، جيئون ٿا پيا.
جهان پنهنجو، خدا پنهنجو، چئون ڪنهن ڪي،
ڏنو قسمت نہ آ ڪو گهر، جيئون ٿا پيا.







ڌرتي ساري سُڃ،
اپ تي هاڻ ڪڪر،
ڪيڏو تڙپائي پيو.
مون ڪي ڏات ڏٺي،
تنهنجو اکر اکر،
ڪيڏو تڙپائي پيو.
ساپيان جو سمجهيم،
سپني جو منظر،
ڪيڏو تڙپائي پيو.
پرواهہ نہ ڪنهن جي،
تنهنجو رسڻ مگر،
ڪيڏو تڙپائي پيو.
ساجد! ناهي ساڻ ڪو،
جيون جو تہ سفر،
ڪيڏو تڙپائي پيو.

## خدا در ڪا دستڪ نئين ڳالهہ ناهي

خدا ٻُڪ خوشين جا پري چو نہ ڏي ها،
خدا در ڪا دستڪ نئين ڳالهہ ناهي.
ادب جي افق جا اي روشن ستارو!
اسان سڀ ٿا ڄاڻون اوهان جي چپن تي،
ڪري رقص مرڪون ٽڪيون چو نہ آهن،
رُڳو اڄ گلابن جي برسات ناهي،
نہ ئي ڪجهہ گهڙين جي ملاقات آهي،
ڏکهو طئہ سفر زندگيءَ جو آ ڪرڻو،
تڏهن شام ڳاڙهو ڏکي ويس آئي،
ٿي احساس جي چوڏسا روشنائي،
حياتي هٿن ۾ حنا چو نہ لائي،
اميدن جي ٻيڙي ڪناري رسي آ،

وفائن جا هر هر پئي گيت ڳائي،
بهارن جا موسم ٻٽي شبنمي آ،
خدا ٻُڪ خوشين جا پري چو نہ ڏي ها.
اوهان پاڻ مرڪون ورهايون ونڊيون هن،
۽ احساس جڳ جا اکين ۾ سمائي.
گهٽيءَ دير پيڙيو ۽ پوڳيو بہ آهي.
اسان پڻ جُڳن کان دعائون پنيون هن،
خدا در ڪا دستڪ نئين ڳالهہ ناهي.
اوهان لئہ دعائن جي سايي ۾ رهندي،
اسان اڄ خدا کان اجان ڪجهہ گهرون ٿا،
"ڪري شل خوشين کان نہ اوجهل اوهان، ڪي.
سفر در سفر مشڪلاتون نہ ڏي شل
سدا مُک تي مرڪن جا رابيل ٽيڙي
ڪري سگهہ عطا ڪجهہ اجان پڻ لکڻ جي
۽ سپنا بہ ساپيان سندو ويس پائن"
ادب جي افق جا اي روشن ستارو!
خدا در ڪا دستڪ نئين ڳالهہ ناهي،
خدا ٻُڪ خوشين جا پري چو نہ ڏي ها.



*ادبي جوڙي مشتاق بخاري ۽ ساجده جبين کي زندگي جي نئين سفر تي ڀيٽا





چَون ٿا اسان کان رُٺي آ ڪراچي،
وري اڄ اُماڻي چِٽي آ ڪراچي.

اسان جي نگاهن جو محور سدائين،
نہ پڇ تون تہ ڪيڏي مِٺي آ ڪراچي.

ويو روح نڪري نہ، نڪري سگهينءَ تون،
ڏني ئي ڪٿي مون، پُٺي آ ڪراچي.

گهٽيون، روڊ، رستا ٿيا رت ۾ ڳاڙها،
هٿان قاتلن جي ڪُٺي آ ڪراچي.

چوي دل ٿي گُل سان، وري گڏ گهمڻ لئہ،
ٿيا ورهہ هِن جو ڏٺي آ ڪراچي.

اڪيلو بہ ڪيسين گذاريندين ’ساجد‘،
پرينءَ ڪي بہ هيڪر وٺي آ ڪراچي.







هي سفر زندگيءَ جو ڪُٺو آ قبر تي،
رات سُڏڪا پري ڪو رُنو آ قبر تي.

هُت زماني سڄي هل هنگاما ڪيا هن،
۽ هتي چو سناٽو رڳو آ قبر تي.

ها سمهي ٿا پون درد ڪجهہ دير لئہ، جو
مون اچي تنهنجي رکيو مَٿو آ قبر تي.

روح پرواز ڪان اڳ جو نڪتل، لٽيل ڪو،
قافلو خواهشن جو لَٽو آ قبر تي.

ڪنهن اٿاريو نہ ئي ڪنهن پڇيو ”ڪير آن تون؟“
ڪيتري وقت کان ڪو سُتو آ قبر تي.

هي اجان پي رکڻ لئہ ڪرڻ ضد لڳو آ،
من بہ ٻارن جيان چو رُٺو آ قبر تي.

روز ابدي ڪو ’ساجد‘ سڪون ٿو ملي جڻ،
تون پڇين ٿو تہ ڪهڙو مزو آ قبر تي.

سرمئي ڪنهن شام وانگر ٿي لڳي،
ڪا ادا ڦهرام وانگر ٿي لڳي.

ٿي ملي ڪنهن اپسرا جي روپ ۾،
ڇوڪري ڇڻ جام وانگر ٿي لڳي.

جستجو ڪيڏي ڪئي پر زندگي،
شهر ڪنهن گمنام وانگر ٿي لڳي.

بي سبب تنهنجو رسڻ، بي واجبي،
بي رخي الزام وانگر ٿي لڳي.

درد جي پوشاڪ پهري ياد ڪا،
شاهہ جي پيغام وانگر ٿي لڳي.

جڳ نہ سانديو، ساهہ ۾ ’ساجد‘ مگر،
شاعري هيءَ سام وانگر ٿي لڳي.









تنها سمونڊ، لهرون ۾ مان،
سڏڪا، سمونڊ، لهرون ۾ مان.

ڪيڏو لُڇي پُڇي سڏڪن ٿا،
تمنا، سمونڊ، لهرون ۾ مان.

هڪڙي نگاهہ ۾ ڦاٿا هن،
سپنا سمونڊ، لهرون ۾ مان.

ڪنهن جي ڇنيءَ جا ٽڙيا پئہ،
ٽڪرا، سمونڊ، لهرون ۾ مان.

پل تون وسار، وسرن ٿا جي،
لمحا، سمونڊ لهرون ۾ مان.

هر روز گڏ ملون ٿا ’ساجد‘،
صدما، سمونڊ، لهرون ۾ مان.



اڄ ڪي ڳوڙها رتل آهن،
نيڻ جو رت ۾ رُتل آهن.

مان ناهيان پر اڳيان تنهنجي،
ميلا ساڳيا متل آهن.

سوچين چا پيو، واڙُ ڪر، هي،
نيڻ خنجر ۾ ڪُتل آهن.

ايئن نہ ڏي ياد جو تحفو،
سور سمورا سُتل آهن.

تمنا سانديي وتان ٿو چڻ،
درد اجان ڪي ڪٿل آهن.

نوحا آهن، پڙهي ڏس تون،
ڪير چوي ٿو غزل آهن.





هر قدم گڏ مگر، خاموش آ،
چو الئہ همسفر، خاموش آ.

هي سوالي نگاهون منتظر،
پر اجان دِل پٿر، خاموش آ.

هِن بہ هُن جو بدن آ پڪ ڇهيو،
جو هوا هر پهر، خاموش آ.

هر ستم ٿا سهي مرڪي ملون،
دل، جسم ۽ جگر، خاموش آ.

ڪوڙ آيا ويا طوفان پر،
ناوَ ٻوڙي لهر، خاموش آ.

تون نہ ’ساجد‘ جهڪائي ڇڏ نظر،
بزم ساري اگر، خاموش آ.



لاءِ سيني وري، موت!
اچ اجان تون سُري، موت!

تا وکوڙي وڃن گهاو،
چڙ رکي کو، ڇُري، موت!

هر قدم تي نئون درد،
جيءُ ويو آ جهري، موت!

نانءُ هن جو ڪٿي ڪوبہ،
مان وڃان تو ڀري، موت!

ڪجھ ڪٽايون تہ هل تون بہ،
درد جي آ ڀَري، موت!

تو نهاريان ڪٿي نيڻ،
ڪول تون ڀي دري موت!

پو بہ ’ساجد‘ گهري هوءَ،
دل تہ آهي چري، موت!







اسان جڏهن ڀي قرار ڳوليو،
اداس چهرن ۾ پيار ڳوليو.

اوهان تي چاندي لهي پئي آ،
اوهان اجان تا نکار ڳوليو.

هِتي هئو اڳ، هتي ئي هوندو،
خزان جي هوندي، بهار ڳوليو.

نگاهَہ تنهنجي شراب خانو،
اسان اجايو، خمار ڳوليو.

حيات پنهنجو، نہ ماڳ ماٽيو،
نہ ڄاڻ کهڙو، شڪار ڳوليو.





روز لکي خط ڦاڙي ڇڏجان،
لڙڪ قبر تي لاڙي ڇڏجان.

ايئن نہ پلڪن ۾ اٽڪڻ ڏي،
ڳوڙها، ڳاڙها، ڳاڙي ڇڏجان.

سرد هوا جا جهونڪا! سرهي،
مهڪ پرينءَ جي پاڙي ڇڏجان.

منهنجا تحفا، تصويرون، خط،
۽ سپ سپنا ساڙي ڇڏجان.

پيار نگر جا باغي شاعر!
قول وفا جا پاڙي ڇڏجان.

‘ساجد’ مرڪي ڏسندو توڏي،
اپ تي تارو تاڙي ڇڏجان.







ڇيرِ ٽوڙيندي ناچڻي ٿي وڃي،
گڏ قدم ڇو منهنجا، ڪٽي ٿي وڃي.

هِت نہ سپنا ڀيهر، ڇمي ٿا سگهن،
درد وستي ڪيڏو وٽي ٿي وڃي.

ڪيئن وڪري ويا لفظ ڪاغذ مٿان،
ياد ڪنهنجي آ، جا ڇٽي ٿي وڃي.

روشني! هان منهنجي هٿن کي پڪڙ،
رات ڪاري گهلي ڪٽي ٿي وڃي.

ڪيس جهل ڇو منهنجو ڪفن ٿي ڇمي،
زخم تازا هن ڪجهہ هٽي ٿي وڃي.

مڇ ڪٽي سا قاتل، مسيحا هئي،
اڄ وري فريادون، سٽي ٿي وڃي.

پوءِ ‘ساجد’ سجدو ڪري وٺ اگر،
مئڪدي ۾ مستي گهٽي ٿي وڃي.





پريل ڪشڪول نيڻن جا، اجان ڳوڙهن جا ڳاڙها رنگ،
چڏي پنتي وجون ٿا جي، ڪلي ٽارڻ ٻہ چاٽون ٿا.
اسان ڏس الوداع توکي، ڪيون ٿا آجيان وانگي،
ٿيا ساپيان نہ سپنا پر، پٿر ڳارڻ ٻہ چاٽون ٿا.

هٿ دعا لئہ ڪڇيل، اُپ تي نظرون ڪُتل،
نيڻ ڪشڪول ۾ لڙڪ ڦٿڪن پيا.
سانوڻيءَ جي گهٽا، نيٺ برسي پئي،
اڄ سڪيءَ جهول ۾ لڙڪ ڦٿڪن پيا.





چا ٿيون نيٺ چون،
آلين اکين جي،
ٻولي سمجهہ ڪٽي....!

سنڌي پوءِ سڏبين،
اڳ ۾ سنڌين جي،
ٻولي سمجهہ ڪٽي....!

چا چا ٻولن پيا؟
تون ڀي پکين جي،
ٻولي سمجهہ ڪٽي....!

واءُ جيان ٿي تون،
گُلن ۽ پنن جي،
ٻولي سمجهہ ڪٽي....!

چانديءَ وارن ۽،
هن جي چاتين جي،
ٻولي سمجهہ ڪٽي....!



## چوان ڪيئن، توکان سوا جي سگهان ٿو!

ڪَٽن خواب ڪيڏا، ٽَڪل نيڻ آهن،
زماني جي لئہ هي، ستل نيڻ آهن،
رڳو رت ڦڙن سان، ڀنل نيڻ آهن،
اجان ڀي دڳن ۾، ڪتل نيڻ آهن،
اسان جون، نگاهون، اسان جون نہ ناهن،
اوهان کي ڀَسن ٿيون، اوهان کي پسان ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!

سدا عڪس تنهنجو اکين ۾ رَهي ٿو،
ڏئي روز يادون ڏهي ٿو، نهي ٿو،
تتل سج جيان جڻ چڙهي ٿو، لهي ٿو،
مگر من بہ پاڳل هي سڀ ڪجهہ سهي ٿو،
سوا عڪس تنهنجي، نہ ٻيو عڪس ترسيو،
ڪتابي آ چهرو، پڙهان ٿو، لکان ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!





مِٽيءَ نقش سارا مٽايا ڪٽي ها،
هوا راز پنهنجا ٻڌايا ڪٽي ها،
هي پنهنجا قدم ها، ڀَرايا ڪٽي ها،
اسان اک ۾ بادل لڪايا ڪٽي ها،
تتل ريت ساري، اجان پنڌ جاري،
سدا غم جي چادر، لپيٽيون وتان ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!

چوين جي، حنا ڪا، هٿن تي سجائي،
ڦِڪي مرڪ مرڪون، چپن تي سجائي،
اکر خودڪشي جا، خطن تي سجائي،
ڪندن جي ڪفن کي، بدن تي سجائي،
ڪري سڀ سگهون ٿا، وسارڻ بنا ٻيو،
غمِ هجر ۾ پر، روئان ٿو ڪلان ٿو،
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!

ڪي وڪريل پنا، ياد ۾ بند ڪمرو،
ڪليل هٿ، حنا، ياد ۾ بند ڪمرو،
ٽٽل آئينا، ياد ۾ بند ڪمرو،
مليا تو بنا، ياد ۾ بند ڪمرو،
رهي ڪاغذن سان رڳو راند پنهنجي،
ڪٽي سڀ پراڻا، لکيل خط پڙهان ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!



پري ٿي رهڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،
لڪان جي، لڪڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،
ڇڪي ٿي، ڇنڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،
چوان ڪجھ، چوڻ ڏي نہ تصوير تنهنجي،
عجب آ ڪشش تنهنجي ڇهري ۾ جانان!
ڏسان ٿو، ڇهان ٿو، ڪٽان ٿو، چمان ٿو.
چوان ڪيئن، توڪان سوا جِي سگهان ٿو!

عبادت ۾ ڳوڙها رهيا هن جبين تي،
پلي نيڻ سجدو ادا ڪن زمين تي،
نہ ڪاوڙ ٿي سونهين، ڪا ڇهري حسين تي،
ڪري ڏس، يقين تون بہ منهنجي يقين تي،
رکيو سر، ڪڏهن ڪين، سجدن ڪان ٻاهر،
دنيا عشق جي ۾ سدا گم رهان ٿو.
چوان ڪيئن، توڪان سوا جِي سگهان ٿو!

نہ پڇ تون، تہ ڇاڇا، مليا عيد تي ها،
گهٽائي تماشا، مليا عيد تي ها،
رڳو غم جا پاڇا، مليا عيد تي ها،
اميدن جا لاشا، مليا عيد تي ها،
پلا ڪنهن جي اک ۾ ڪنڊو ٿي رهان چو،
ڪنڊو هان، ڪنڊي ڪي، ڪنڊو ٿي چپان ٿو.
چوان ڪيئن، توڪان سوا جِي سگهان ٿو!





دماغي رڳون، قيد خانو لڳن ٿيون،
خيالي خنجرٿي، نشانو لڳن ٿيون،
حقيقت لڳن ٿيون، فسانو لڳن ٿيون،
پَيڙ باهہ پر، آشيانو لڳن ٿيون،
حواسن مٿان ٿي، رهي سوچ حاوي،
پڪي پَر پٽيل، دائري ۾ رهان ٿو.
چوان ڪيئن، توڪان سوا جِي سگهان ٿو!

جليون روز آهون بہ سگريٽ ۾ هن،
لپيون جي نہ راهون بہ سگريٽ ۾ هن،
اسان جون نگاهون بہ سگريٽ ۾ هن،
مليون بس پناهون بہ سگريٽ ۾ هن،
ڪڏهن اوچتو ٿو، ڏسان تنهنجو چهرو،
ڪڏهن پاڻ دونهين ۾ اُڏندي ڏسان ٿو.
چوان ڪيئن، توڪان سوا جِي سگهان ٿو!

ڪٿي پين ڪاغذ رکي گم ٿيا هون،
غزل ڪي اڌورا لکي گم ٿيا هون،
ڏسي سونهن تنهنجي سکي! گم ٿيا هون،
مليو چاهہ اهڙو چکي گم ٿيا هون،
وٺن سئو جنم ڪان، جنم ٿيون اميدون،
مٺي! هر جنم ۾، اهو ئي چوان ٿو.
چوان ڪيئن، توڪان سوا جِي سگهان ٿو!



تِڪن تيز گهاوَن، جي هر گام بارش،
وسي پل اکين مان صبح و شام بارش،
ڏئي جيئن، اسان تي، نہ الزام بارش،
نہ اهڙي پوي ڪنهن تي بدنام بارش،
پنل پاند هر هر، ڏسي ڪيئن سگهبا،
پري توکان خود کي، ڪري سپ سهان ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!

وري چَپ ڏندن ۾، ڏئي خط پڙهين ٿي!
وٺي ڪنڌ هڪڙي، لڪي خط پڙهين ٿي!
سهيلين کان چوري چمي خط پڙهين ٿي!
ڪڏهن پيي "نہ پڙهنديس" چئي خط پڙهين ٿي!
چوين ٿي وساريان، چئي، چو رني آن؟
چري! چاهہ پنهنجو، امر آ، مڃان ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!

رَسين جي نہ، رب کان رهائي گهران مان،
سزا کان اڳي تو صفائي گهران مان،
ڪتي تو، خدا کان، خدائي گهران مان،
پلا ڪيئن ايذي، جدائي گهران مان،
پئي باک ڦٽندي، پئي آس لڇندي،
پيو جيءُ جهرندو، نہ جيتر مران ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!





چڏيون سين رهائي اکيون مئڪدي ۾،
دنيا کان لڪائي رکيون مئڪدي ۾،
اجان پي اُجاريون، بکيون مئڪدي ۾،
ستون ڪنهن الائي لکيون مئڪدي ۾،
"اوهان جي نگاهن بنا هاڻ جانان!
پيئان ٿو، جيئان ٿو، جيئان ٿو، پيئان ٿو."
چوان ڪيئن، توکان سِوا جي سگهان ٿو!

رهي ٿي چپن تي ڪتي مرڪ 'ساجد'،
ڏيون ٿهڪ ٿا جي ڪرن لڙڪ 'ساجد'،
ڪٽي زلف سرها ڇهي مهڪ 'ساجد'،
وٺي وهہ وٽيون ڪي پري سرڪ 'ساجد'،
غمن جي چمن ۾ وفائون جلن ٿيون،
ٿيون چا، خطائون، پُڇان تو لڇان ٿو.
چوان ڪيئن، توکان سوا جِي سگهان ٿو!





زندگيءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم،
دل سڄيءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.

نيڻ پنهنجا ڄڻ پڳا معراج تي،
جو چِٽيءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.

ڳَنهن مروڙي گل ڦٽي ڪيا راهہ ۾.
هر ڪليءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.

رات جو ٻاري ٻتي ڇا اوچتو،
روشنيءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.

نيڻ مهٽي ٿو نهاريان سامهون،
آرسيءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.

ها ڪيا سجدا سوين مون عشق ۾،
بندگيءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.

*سعيد جو مجموعو 'ساجد' هو پڙهيو،
شاعريءَ ۾ ڪنهن حسينا کي ڏٺم.



- سعيد ميمڻ







چنڊ مرڪي لِڪيو، بادلن وچ ۾.
آس تڙپي لُڇي، فاصلن وچ ۾.

نيٺ ٻڏندي رهي ناو الفت سندي،
تنهنجي نيڻن جي ٻن، ساحلن وچ ۾.

سچ ٻہ سوليءَ جي زينت هو بڻجي ويو،
ٿهڪ ڪوڙي ڏنا، عادلن وچ ۾.

سڀ وچن واعدن، جو ٿيو پورا پرم،
توکي ڪلندي ڏٺم، قاتلن وچ ۾.

ڊائري مون جو 'ساجد'، پڙهي هن جي اڄ،
نانءُ پنهنجو ڏٺم، پاڳلن وچ ۾.



گھايل دل جي ڏڙڪ ۽ مان،
اکين جي ملڪيت لڙڪ ۽ مان.

ڪيڏا برپا ٿيا پڙاڏا،
لوڪ ۾ تنهنجا ٽهڪ ۽ مان.

رکوالي ڪن خار گلن جي،
هرسو ڦهليل مهڪ ۽ مان.

سڏڪا سڏڪا زندگي ۽،
مک تي ڪوڙي مرڪ ۽ مان.

پئمانا پُر ها هٿن ۾،
آشائون، چپ، سرڪ ۽ مان.

تنهائي! گڏ ڏس سفر ۾،
سوچون، تون، هي سڙڪ ۽ مان.

جيون 'ساجد' سراپا وهه،
پوءِ به تنهنجي ڪُرڪ ۽ مان.







اکيون دشمن به ٿي پونديون،
جڏهن ڪنهن سان ملي پونديون.

نه ڪر مجبور محفل ۾،
چيم جي ڪجهه چڙي پونديون.

ادائن ڏي نه مائل ٿي،
ڪچيون آهن پچي پونديون.

رڳو زلفن ڪي جهٽڪو ڏي،
هوائون پي گهلي پونديون.

پڇن سرتيون تنهنجون هر هر،
ڪيان سا ڳالهه، ڪلي پونديون.

پلي چپ ئي ڪٹي چوري،
مگر نظرون جهڪي پونديون.

نه گل ڪنهن لئه دڳن ۾ رک،
اجايو ٿابڙي پونديون.





زندگي جو اوپري ٿيندي وئي،
ياد جڙ ڳل تي ڳُري، ٿيندي وئي.

هر خوشي توکي مبارڪ هر قدم،
درد غم سان دلبري ٿيندي وئي.

ابتدا پي ڪين مون ڪان ٿي اجان،
ڳالهه محفل ۾ ڳري ٿيندي وئي.

هوءَ ڪنهن جي ٻانهن ۾ لڏندي رهي،
دل چري، آخر چري، ٿيندي وئي.

ڪالهه ڪويل ڪوڪ جا چرچا ٻڌم،
ڇو الئه اڄ ٻي سري ٿيندي وئي.

پو ٻه توکي پوڄيو توڙي پرين!
زندگي غم جي ٻَري ٿيندي وئي.

ڪونج جا وچڙي وَلر کان اوچتو،
ڇا سبب ڇا لئه ڏري ٿيندي وئي؟

جا ٻه گهاري تو بنا ’ساجد‘ گهڙي،
سا زهر جي ڪا ذري ٿيندي وئي.







ڇو پيو پٽڪين زمانا! وٺ ضرورت جو سبق،
سڀ ڇڏي باطل فسانا، پڙهه حقيقت جو سبق.

موت ياڪر ۾ پري ۽ غير کو حاوي ٿئي!
نوڪ خنجر جي تکي رک، ڏي شجاعت جو سبق.

وقت تنهنجي ڇو وٺي، آگر هلان هُن پار مان،
رهنما، رهبر ڏنو آ، جي صداقت جو سبق.

جي لڪان مان، يا پڙهان بس، عڪس ڪنهنجو چؤطرف،
نينهن ۾ ڪٿ ياد رهندو آ نصيحت جو سبق.

خواب ڪجهه ڦاسي چڙهيا، تنهنجا ٻه ها، منهنجا ٻه ها،
تون اجان مايوس ڇو آن، سک سخاوت جو سبق.

ڪنهن ڇيو ’ساجد‘! ڏسي وٺ، مون ڪٽي سجدو ڪيو،
اڄ پڙهايو عشق آ خود، هي حقيقت جو سبق.





خدا بہ غم ڏنو خوشيءَ ۾.
يِتيم ٻارَ کي ڇَٽيءَ ۾.

ڇڏيو تہ روح، روح سان ملي،
کيو دفن جسم مٽيءَ ۾.

نقاب کولِ کڻ نظر رکو،
هجي نہ تيل جي بتيءَ ۾.

اُماس رات ڏي قدم کڄيا،
رهي ڪشش نہ روشنيءَ ۾.

قبول هر ڪئي ڪٺن گهڙي،
گهريو نہ ساٿ زندگيءَ ۾.

پٽر پرينءَ جا پلئہ پيا،
الائي ڇا لکيو ڇٽيءَ ۾.

نقشِ وفا شفاف ها تڏهين،
مِٽيو نہ رنگ دوستيءَ ۾.



ٽٽل خواب شيشا نہ جوڙي سگهون ٿا.
هوائن جي رخ کي نہ موڙي سگهون ٿا.
حياتيءَ جي هر هر پنن کي پٿاري،
فريبي ڪا ديوار ٽوڙي سگهون ٿا.

بکئي، پيٽ، پياسن چپن جون دعائون،
ختم نيت ٿيندي ٻيپي جي بہ ٻولا،
دنيا جي رکو ڏوڙ ماٽي سگهيا، سي،
جنين ڪان نہ ٿي ماڻهپي جي بہ ٻولا.




ڇِڱيون ڇاڻ ٽانگھون، اِجھو آيو طوفان،
ٽُٽل ڪانھ ڪپ تي سھارن جون آسون.
ٻيڙيءَ جو ته ٻيڙو ترڻ ڪان ڳرو آ،
اجايو رکيون تو ڪنارن جون آسون.

ڪجن ڪيئن آخر، بيان لڙڪ تازا.
وسارڻ جا ناھن، عيان لڙڪ تازا.
پٽن جي قبر تي وري اڄ ڏسان ٿو،
امڙ جي اکين ۾ ٺَريا لڙڪ تازا.







ڪئن راند ڪندي ھوءَ،
دل جي آڳر ۾،
ويئي ياد ڇڏي.

پنھنجو نانءُ لکي،
ڪوري ڪاڳر ۾،
ويئي ياد ڇڏي.

ڪانھي ڪا ڪشتي،
گھري ساگر ۾،
ويئي ياد ڇڏي.

ساھ سڳنڌ پريا،
اوتي پاڪر ۾،
ويئي ياد ڇڏي.

سپ ڪجھ ساڻ کڻي،
’ساجد‘ آخر ۾،
ويئي ياد ڇڏي.

## اچو ديس تان پاڻ واري هلون.

زبان تي آ ضرب عضب جي صدا،
سوين قافلن جو خدا نا خدا،
متي ماءُ تنهنجي متيءَ جو قسم،
نہ هٽبو، نہ مٽبو نہ جهڪبو علم،
ڪري ڳاٽ اوچو ڪٽي مشعلون،
سين دهشتن کي ٻهاري هلون،
اچو ديس تان پاڻ واري هلون.

ٽڪي تيز تلوار وانگر بہ آ،
۽ هوشوءَ جي للڪار وانگر بہ آ،
ڪري ڪين سگهبو بيان حوصلو،
جوانن جو هردم جوان حوصلو،
اڪيون دشمنن جي اکين ۾ وجهي،
هلو جانثارن کي ساري هلون،
اچو ديس تان پاڻ واري هلون.





سدا ديس پنهنجي جا رکوال ٿيون،
اچو پاڻ جوڌا اسين ڍال ٿيون،
هي هڪڙي حياتي جو سودو نہ آ،
نسل در نسل ڪان ڪو رونشو نہ آ،
اسان جي لهو ۾ آ شامل رهيو،
قدم در قدم ڪنهن ڪناري هلون،
اچو ديس تان پاڻ واري هلون.

هي ڏمڪيون ڏماڪا ۽ ڏتڪار ڇو؟
اڙي بزدلو، هي لڪي وار ڇو؟
اي معصوم گلڙن جا قاتل ڏسو،
امڙ جي صبر جا مٽا قل ڏسو،
رڳو ضرب هڪ سان مرو ٿا مگر،
شهيدن جو رت ٿو پڪاري هلون،
اچو ديس تان پاڻ واري هلون.





نہ دشمن اسان جا نہ ڪي يار آهيو.
توهان بس ڪهاڻيءَ جا ڪردار آهيو.

ڀلا ٺهڪ پنهنجا ٻہ نيلام ڇو ٿين،
اوهان جو خوشين جا خريدار آهيو.

نہ هوشو، ٻلاول، نہ هيمون، عنايت،
نہ منصور، سرمد سندي سار آهيو.

اسان صرف مالها وفائن جي پوئي،
مڃون ٿا، ڇئون ٿا، سزاوار آهيو.

ٻڌيا بيوفا هو ٻڌيا تہ ڇا هي،
اڙي دردِ جانان مزيدار آهيو.







ڪِٿي نہ ملندو مثال جانان!
ڪمال تنهنجو جمال جانان!

پڙهيو نہ اهڙو، مليو نہ اهڙو،
لکيو نہ اهڙو، خيال جانان!

جواب مان سَو سوال ٿي پيا،
پُڇو نہ الجهيل سوال جانان!

ڀلي مٿيءَ ۾ ملي وڃون پر،
نہ پيار آڻي زوال جانان!

گهَٽي سَٽي آ، اسان ٻہ اذيت،
مگر وسارڻ محال جانان.

بيوفا ڪنهن يار وانگي،
زندگي آ بار وانگي.

لڙڪ پيي ڇڏ هن جي ڳل تان،
ڪجهه تہ ماڪيءَ لار وانگي.

دل رني آ دم بدم هي،
ڪير پيندڙ ٻار وانگي.

راهہ ويندي، نيڻ اڇليا،
دل مٿان ڪنهن ڄار وانگي.

ڪنهن پڇيو جو، پيار ڇاهي؟
نيڻ برسيا نار وانگي.

ٻانهن پنهنجي اڄ ڳچي ۾،
ها وڌي هُن هار وانگي.

ڇو ڏڪاري تو ڇڏيا ها،
گل بہ سارا خار وانگي.

اڄ تہ ’ساجد‘ ٿي لڳي هي،
جيت پيي جڻ هار وانگي.





ڪٽي گل هتن ۾ هوا ڪا تہ ايندي،
نہ جي هوءَ پهتي صدا ڪا تہ ايندي.

ڇُهي سرخ اکيون، پنيون آڱريون هن،
اُگهي رت ڦڙا آشنا، ڪا تہ ايندي.

وري رات مقتل جي پر ۾ گذاري،
ملي شل مسيحا شفا ڪا تہ ايندي.

ڪجان غم نہ وکرو، خوشين جي شهر ۾،
چريو آ چوي ٿو، بها ڪا تہ ايندي.

اسان جون نگاهون اڃان منتظر هن،
اگڙ اوچتو جڻ گهٽا ڪا تہ ايندي.

نمازِ محبت بہ ڪئي گڏ ادا آ،
جهليو ٻُڪ خدا در، دعا ڪا تہ ايندي.

وري مئڪدي ۾ ڪيو شور رندن،
ڇميا نيڻ تنهنجا، سزا ڪا تہ ايندي.

ڇئو يار ’ساجد‘ ڪي، غم ڪجهه ڪٽي وڃ،
نہ پلجي بہ سوچي، وفا ڪا تہ ايندي.



هر خوشي مون کان کسي ٿئي، اي خوشي تو ڇا ڏنو،
زندگيءَ کي، زندگي پر، زندگي! تو ڇا ڏنو.

آهہ زاري، پنڌ واري، پير ننگا، سج تتل،
لڙڪ لارون، بيقراري، عاشقي! تو ڇا ڏنو.

تو پنيان توکي وڃائي، مون وڃايو پاڻ کي،
رات ساري، آ انڌاري، روشني! تو ڇا ڏنو.

اک ڪٽوري مئڪدي ۾، مئہ پچاٽان ڪنهن ڪنئي،
هوش ۾ مئنوش ناهن، مئڪشي! تو ڇا ڏنو.

پيار هو پنهنجو اثاثو، پيار ئي پايو مگر،
جڳ لٽيرو سڀ لٽي ويو، سادگي! تو ڇا ڏنو.

وار-ڪولي، وار ڪر، هر وارِ خالي وارُ ڇو،
مان بہ ماندو هان مرڻ لئہ، او مٺي! تو ڇا ڏنو.

سور، سپنا ساڻ ‘ساجد’ سار، سوچون، آسرا،
پين، ڪاغذ، پيٽ خالي، شاعري! تو ڇا ڏنو.







تون نہ ڪٽجان راهہ تان پٿر،
ڪونہ لهندو ساهہ تان پٿر.

زخم تي مرهم رکن پيا،
ڪو ڪٽي آڙاهہ تان پٿر.

مون دعا لئہ مس ڪنيا ٿي هٿ،
۽ ڪريو درگاهہ تان پٿر.

خود سراپا ٿي لڳين پٿر،
تون پلي هڻ چاهہ تان پٿر.

هر نئين ٿي موڙ تي سهي،
دوستي ويساهہ تان پٿر.

هر گهڙي هر دؤر ۾ هنيو،
تو زمانا! ٿاهہ تان پٿر.





رات اپاڳي! پنهنجي در تان،
موت تماشا، ساڻ کڻي وڃ!
نيڻن جهولي خالي ڪر، يا،
سپنن۔ لاشا ساڻ کڻي وڃي!

چپ سُڪل، ڪپڙا چتيون،
ڪجهہ ڪنيو انسانِ هو.
ڪنهن چيو ڪا سِرَ هئس،
ڪنهن چيو قرآن هو.





نہ ئي پاڻ پڙڪيو، نہ ئي مون پچاريو،
چپن جي حرارت کان ٿورو پري هون.
ٿئي ٿو زمانو بہ حائل ڪجي ڇا؟
جو شڪوه شڪايت کان ٿورو پري هون.

مون هنئي ٻارن جي ٻولي،
جڳ تماشو، حيرت آهيان.
نانءُ منهنجو غربت آ، ءِ
مان سراپا غيرت آهيان.



اماوس جون راتيون، سمهن نيڻ ڪٽ تا،
اڪيون مڌ جا پيالا، لڳن ٿيون سيڻ ڪي.
پياسن چپن جون صدائون ٻڌون ٿا،
اجان ڪي ڪٿائون، سڏن ٿيون سيڻ ڪي.

جدائي ڪان وڏ ٿي ويا ڏک، ڪجي ڇا؟
وڍي ٿي بدن ڪي رڳو بک، ڪجي ڇا؟
گلابي گلن جي بہ هبڪار ٿئي شل.
ڪٿان من ڪي ماٺي وٺون سک ڪجي ڇا؟







اي حسينا ڪٿي جلوا، موٽي وڃ.
زندگيءَ جا حسين لمحا، موٽي وڃ.

باک ويلي گلابن جا لاش پَسي،
ماڪ قطرا! سهي صدما، موٽي وڃ.

هوءَ شايد هجي، ٿي آهٽ ٻڌجي،
ڪا گهڙي آخري سڏڪا، موٽي وڃ.

ديس تنهنجو بہ ڪو دل! ناهي شايد،
اجنبي شهر مان تنها، موٽي وڃ.

هت تہ ڪنهن وقت ڪان جليون تعبيرون،
خاڪ وڪري وئي، سپنا موٽي وڃ.

مون تہ هر رات لکيو هو تڙپي پر،
سوچ سڏڪي ڇيو جذبا موٽي وڃ.

هي تہ ’ساجد‘ رهيو آ غم جو ساٿي،
ٿو ڪري الوداع سجنا! موٽي وڃ.

وري وقت تنهنجا حوالا ڏنا هن،
اسان کي صرف نيڻ آلا ڏنا هن.

ٽيو چا جو لفظن ۾ ٽاندا رکيا مون،
اوهان ئي چپن کي تہ تالا ڏنا هن.

ٻُکيا ٻار چنبڙي وڃن چڻ تہ هر هر،
اڙي نينهن! غم تو نرالا ڏنا هن.

اچي ڏس پٽائي، سچل، شيخ، سامي،
سوين توکي ڌرتيءَ نالا ڏنا هن.

اسان نيڻ تنهنجا چپن سان چُميا پئي،
۽ تو زلف ابروءَ جا پالا ڏنا هن.

اڙِي او درنده! تو ڪنهن کي ٻچن جا،
ڪٿي ڪن هٿن ۾ ڪي والا ڏنا هن.

ويا هن انڌيرن ۾ اچلي اُهي ئي،
جنهين کي بہ 'ساجد' اُجالا ڏنا هن.







ڪٽو اَبرو، وڏيو انگڙا، اسان جي دل اُهائي آ،
ڪيون سرخم، ٻڏون هٿڙا، اسان جي دل اها ئي آ.

چئون هن کي: "چوي ٿو هو" چئين جي تون "چوان مان ڪجهہ"،
نہ ٿا چوري سگهون چپڙا، اسان جي دل اهائي آ.

اجان آواز گونجن ٿا، فضائن ۾، خلائن ۾،
ٽڪا ناهيون ڪري سڏڙا، اسان جي دل اهائي آ.

اسان تنهنجي مَٿن مان ئي، پيئڻ موکي! گهرون مَڌ ٿا،
پلي وهہ سان پريو وٽڙا، اسان جي دل اهائي آ.

ڇڪي ڪنهن جي ڪشش آئي، قدم هنگلاج ڏي هليا،
سدا ليڙون، ٿين لٽڙا، اسان جي دل اهائي آ.

اڪر سپ خون سان 'ساجد'، لڪيل واپس اماڻيو ٿا،
سوين ٽڪرا ڪيو خطڙا، اسان جي دل اهائي آ.





راهہ پُلجي پيا ريل ۾،
نيڻ اٽڪي پيا ريل ۾.

چڙ تہ واقف صدين جا هئا،
خواب رَلجي پيا ريل ۾.

هن نهاري ڪنئي جا نظر،
جام ڇُلڪي پيا ريل ۾،

الوداعي سفر ڪان اڳي،
يار سڏڪي پيا ريل ۾،







گفت هن هو ڪيو آئينو،
هٿ بہ ڇِلجي پيا ريل ۾،

ڪي مسافر ڏگهي بحث ۾،
نيٽ ٽڪجي پيا ريل ۾.

اجنبي ها هزارين مگر،
آشنا ٿي پيا ريل ۾.

ڪنهن قدم جو رکيا اوچتو،
چڙ مُئا جِي پيا ريل ۾.

ڪوڙ سپنا ڪٽي هان لٿو،
ڪجھ ڪِري پي پيا ريل ۾.

مرڪ 'ساجد' سجائي گهٽي،
ڳل پِجي هِي پيا ريل ۾.



چارسو چاندني آ،
چنڊ توڪان پِني آ.

مون تہ چرچو ڪيو بس،
هوءَ ڪيڏو رُني آ.

يا تہ ٿي آزمائي،
يا تہ پڪ سان ڏِني آ.

رات رنڍي، سويري،
ڪنهن نہ ڪنهنجي وني آ.

غم ڏيڻ ۾ وڃڻ ڏي،
چاهہ ۾ چاشني آ.

سڀ فسانا اجايا،
ڪاٻہ اک ڏس پِني آ؟

آس هڪڙي ڪنواري،
ور-وني ڪان چِني آ.

شفق لالي بہ اُپ تي،
ان رَئي جي چني آ.







سوچ بيمار ۽ زندگي زخمي،
راهہ پرخار ۽ زندگي زخمي.

جي پڇين ٿو مزو يار محبت جو،
درد ڪي ڏارِ ۽ زندگي زخمي.

ڪيئن ڳولي لهان نقشِ پا تنهنجو،
رات ديوار ۽ زندگي زخمي.

هي تہ سودو ڏکيو ۽ مهانگو ٿي،
تون خريدار ۽ زندگي زخمي.

ڪنهن حسينا ڏني، مون قبولي آ،
پيار ۾ هار ۽ زندگي زخمي.

ڪيئن سجدو ڪيان هرگهڙي 'ساجد'
سونهن سرشار ۽ زندگي زخمي.

مجي مُڇ کي مڙسي، ڪري ٽوڙهہ منهنجي!
ڏسو مڙس منهنجو، سَيِن ڪان جدا آ.
رڳو سور هُن جا سهان روز پوءِ بہ،
چون ٿا هو تنهنجو مجازي خدا آ.

رتي رُسامو نہ ٿئي، ڪٿان ڪوڪ چو اُٿي،
اڙي عقل جا گُٿل، پلا ائين چو نہ ٿئي!
نہ رات ۾ شور ٿئي، نہ سانت ۾ ڪو سمهي،
پٽر ٻڌون پيٽ سان، پاڻ ڪان سو نہ ٿئي.







پڙاڏا ڌماڪن جا، گونجي اُٿن ٿا،
حَياتي بہ اوڙهيا ڪپڙا ڪفن جا.
اهي پاڻ چاڙي ڪٿي پئہ سگهيا، هي،
ٻَمن جا ٽُڪر ها، يا پنهنجي بَدن جا.

درد_ٽڪرن کي سهيڙي ٿي اچي.
رات پنهنجا پَرَ پکيڙي ٿي اچي.
پيار جي پرخار رستي، هيڪلي!
ڪا ڳهيلي پاڻ ميڙي ٿي اچي.

چئہ چِتان، هليو وڃان،
ها متان، هليو وڃان.

ياد منهنجي سانڍجان،
جي هِتان، هليو وڃان.

تون ملين بس، پوءِ پل،
آسمان، هليو وڃان.

دل چيو تنهنجا پئي،
هٿ چمان، هليو وڃان.

اي حسينا ڏس تہ ڏي،
من اُتان هليو وڃان.

جي چوين محفل منجهان،
مهربان!، هليو وڃان.

اي خدا سچ ٿو چوان،
ڇا ڪيان، هليو وڃان.

هوءَ جي ’ساجد‘! سڏي،
راهہ تان، هليو وڃان.







موت ڪي چئہ آزمائي، آ.
غم اڄان ٿو مسڪرائي، آ.

مون بہ پنهنجا نيڻ ٻوٽيا،
پُٽ تي ڪو خنجر لڪائي آ.

هي تہ تنها ٿو رهي اڄڪلهہ،
دشمنن ڪي پي ٻڌائي آ.

شهر مقتل ۾ خَموش نہ آ،
جي اڃين ٿو تہ گنگنائي آ.

هو ڏڪاري پل ڏڪاري پر،
ساٿ هن سان تون نڀائي آ.

هوءَ ڇا ڄاڻي اداسين مان،
هن چريءَ کي ڪجھ ڪِلائي آ.

تا عمر مسجود ’ساجد‘ رهہ،
ٿي خدا ڪان آ، لڪائي آ.

ٻن هَٿن ۾ چنڊ آ،
ڄڻ گگن ۾ چنڊ آ.

مون ڇهيو ناهي اڃان،
گلبدن ۾ چنڊ آ.

رات پنهنجو ٿي ڪري،
چاهتن ۾ چنڊ آ.

هرطرف روشن جهان،
ڪو ٻَڪن ۾ چنڊ آ.

جهوپڙي ڪان اڳي،
ڏس ڪکن ۾ چنڊ آ.

آ عجب هيڪار ٿي،
پڪ چمن ۾ چنڊ آ.

آ لَٿو ‘ساجد’ وري،
من صحن ۾ چنڊ آ.









پيار مان پيار جا، ڇو حصا ٿو ڪري،
پاڙ کي پاڙ کان، ڪو جدا ٿو ڪري.

ڪنهن نئين روپ ۾ روز مرڪي مليو،
درد ڪنهن درد سان آشنا ٿو ڪري.

سوچ جي هر لهر سار کي ٿي ڇُهي،
نيڻ ڀٽڪن پيا، غم فنا ٿو ڪري.

يار وچ، يار کي، يار جي ڏي خبر،
هرگهڙي بيوفا، بيوفا، ٿو ڪري.

دل ڀِڪوڙي، پٿر جان پئي آ پري،
ابتدا کان اڳي انتها ٿو ڪري.

ٺهڪ ‘ساجد’ ٻڌي لڙڪ مرڪڻ لڳا،
اڄ پٿر راهه جو ڪا صدا ٿو ڪري.



لاھ چادر درد جي تون، ڪا گھڙي مرڪي تہ پئہ،
اڄ ٻڌون ٿا، عيد آئي، زندگي! مرڪي تہ پئہ.

ھوءَ ايندي، آنءُ ھوندس، غم نہ ڪر، ڏسجانءِ تون،
ھل ھلون ٿا، ڳوٺ پنھنجي، دل چري!مرڪي تہ پئہ.

ڪين ھڪڙي، ھا ھزارين، پلئہ تنھنجي ۾ ٻڌل،
اڄ چئي ڏي مسڪرائي، اي خوشي مرڪي تہ پئہ.

لڙڪ ٻڻجي گود تنھنجيءَ ۾ ڪِرڻ چاھيو مگر،
چو وڏيو ايڏو انڌيرو، روشني! مرڪي تہ پئہ.

تنھنجي ھوندي آسناٿو، مئڪدو سونھين نہ ٿو،
ھت ٻڌون ٿا، چڏ ڪٿي ڪجھ ٻي رخي، مرڪي تہ پئہ.

پل تہ تڙپي، تڙپ ۾ تڙپاءِ ’ساجد‘ اڄ مگر،
ڪي گلابي گيت آڻي شاعري مرڪي تہ پئہ.







ڪيان ٿو، ھر سزا پاڻ ڏي،
نہ سمجھي ھو، خطا پاڻ ڏي.

ضرورت ھِت نہ آ جي اگر،
گُھرائي وٺ خدا! پاڻ ڏي.

وري غم نت نوان ڪي ڪٽي،
وڏي آئي ھوا پاڻ ڏي.

ڏڪاري دردا! توڪي جي جڳ،
چڱو اڄجان پلا پاڻ ڏي.

خبر آ تہ ھو، زھر ٿو گڏي،
پلي ڏي پر دوا پاڻ ڏي.

اسان ڪان غم نشانيون ڏئي،
خوشيون ڪر سپ منا پاڻ ڏي.

چوي ٿو آزمائي ڏسان،
وفا ڪر، بيوفا! پاڻ ڏي.

چڏي ڏي ميڻ جان ٿو ڳران،
نہ ڪر ’ساجد‘ صفا پاڻ ڏي.





ميرا ٽيا ماڻهن جا پردا،
لاهي ڇڏ، هِن هُن جا پردا.

چڙ ته ڪِري ٿي وچ ڪا دل تي،
ڪولي ٿي زلفن جا پردا.

محفل ۾ هر رنگ ٿو پسجي،
ڪيئن لٿا چهرن جا پردا.

اي شاعر! هو ته اياڻو آ،
ڏي نه ڳنن لفظن جا پردا.

ٽيو ڪمري ۾ طوفان بَپا،
تيز لڏيا جارن جا پردا.

'ساجد' سجدا جاري رهندا،
پل نه رهن جوين جا پردا.







مان ته پنهنجي يار کي ڳوليان پيو،
تون ڇوين ٿو دار کي ڳوليان پيو.

بندشن تي بندشون پيي، جت هجن،
آنءُ ان سنسار کي ڳوليان پيو.

پيار ئي بس پيار آ، مون ڪان وٺو،
پيار جي پينار کي ڳوليان پيو.

ڪا خبر ناهي ڪٿي ڀٽڪي مئو،
پيار ۾ گم يار کي ڳوليان پيو.

رات جا پاڇا وڌڻ آهن لڳا،
چنڊ جي چمڪار کي ڳوليان پيو.

ساڻ پي سپنن ڏنو آهي گهٽو،
ساڻ جي سينگار کي ڳوليان پيو.

آس جا هر واٽ تي ڳاٽا پيجي،
جيت بڻجي هار کي ڳوليان پيو.

تنهنجي خاموشي پنيان 'ساجد' وري،
مان لِڪل اقرار کي ڳوليان پيو.

الاري ڪـــهـــاڙي ۾ لـــهـــرائـــي زيـــور،
مڃان ٿي مان تـو لـئہ پـري ٻـہ تـہ نـاهيان.
ٻـٺـائـيـن نشانـو ٿـو نـرڙ ڪـي ڇـا لـئہ،
سڀ سمجهان ٿي ايڏي ڇري ٻہ تہ ناهيان.

وچـــن واعـــدا ســـپ وســـاري ڇـــڏيـــنـــدا.
ٻـچـيـون جـي امـيـدون ٻـهـاري ڇـڏيـنـدا.
ٻـڌون ٿـا سـنـدن ئـي لـٿـو خـرچ نـاهـي،
مـڃـون ڪـيـئـن رهـبـر ڪـناري ڇـڏيـنـدا.





دل جي ڪـولـڻ ڪـڙڪـي اُٿـي آ،
بـاهہ انـدر مـان پـڙڪـي اُٿـي آ.

ڪيڏا تنهنجا ٿا سپنا ستائن،
نـنـڊ نيـٺـن مان ڇرڪي اُٿـي آ.

ڳالھ دل جي نہ آئي زبانِ تـي،
اڪ جهڪائي جو مرڪي اُٿـي آ.

اڄ سامھون آئي ڇڻ تہ پَٽَ تـي،
دل مڇي جيئن ڦٿڪي اُٿـي آ.

ڏور ’ساجد‘ نہ رهہ مون اکين مان،
پيتي نہ اجان سُرڪي، اُٿـي آ.



اڪڙين مان حجاب گم ٿي ويا،
چهري تان نقاب گم ٿي ويا.

هن ڇَپ چوريا جو محفل ۾،
رندن کان رباب گم ٿي ويا.

هڪ گهري نگاهہ جي ساگر ۾،
شاعر جا خواب گم ٿي ويا.

اڄ ايندي هوا جي جهونڪي سان،
گوريءَ کان گلاب گم ٿي ويا.

اڄ مليو ملي جو ياڪر هو،
صدين جا عذاب گم ٿي ويا.

سجدو جا ٿيو، قضا ’ساجد‘،
جڻ سارا ثواب گم ٿي ويا.







رات ڪنهن سان گفتگو ٿي فون تي،
مهہ جبين جڻ روبرو ٿي فون تي.

ڪي انوکا خواب جيون ڪي مليا،
۽ عجب ڪا آرزو ٿي فون تي.

بس نمازِ انتظاري ٿا پڙهون،
روز ڪنهن لئہ باوضو ٿي فون تي.

ڪين تصور ۾ جڙيو ڪو عکس هو،
جي نئين ڪا جستجو ٿي فون تي.

لفظ هن جا الوداعي، ايئن جڻ،
لڙڪ اگهيا ڪنهن ٽِشو ٿي فون تي.

ٺهڪ پنهنجا گونجندا ’ساجد‘ رهيا،
مهڪ ان جي چارسو ٿي فون تي.





نہ ٿي پاڙ پٽڪيو، نہ ٿي مون پچاريو،
چپن جي حرارت کان ٿورو پري هون.
ٿئي ٿو زمانو بہ حائل ڪجي ڇا؟
جو شڪوه شڪايت کان ٿورو پري هون.

مُون ٿا جلادي شهر ۾ نپيا هون،
اُپي ٿيل آڱر وڍڻ ڪين ڄاڻون!
ڇئون ٿا ڪبوتر ڪڇا پَرَ پکيڙي،
مگر سچ تہ ڪاٺئر ڪڍڻ ڪين ڄاڻون!







ٿي عيان زندگيءَ جي ڪٿا،
جڻ ٽٽل آرسيءَ جي ڪٿا.

چنڊ ڪنهن کي ٻڌائي پيو،
رات موهن- مٽيءَ جي ڪٿا.

هڪ تہ پنهنجي عمر ٿورڙي،
ٻيو ڏکهي عاشقيءَ جي ڪٿا.

دوستن جي ڏکهي بحث مان،
مون لکي دوستيءَ جي ڪٿا.

دل بہ تنهن کي ڏسڻ ٿئي گهريو،
ڪنهن ڪنئي جو خوشيءَ جي ڪٿا.

پيار 'ساجد' سچاٽپ اٿئي،
ڏس پڙهي خودڪشيءَ جي ڪٿا.

دامن ڀڳل، ياد نہ ڪر،
اي دل غزل ياد نہ ڪر.

غم جي حَسين محفل ۾،
سپنو ٽٽل، ياد نہ ڪر.

نڪتو ڪڇي تند جھڙو،
رشتو اَٽل، ياد نہ ڪر.

دستڪ نہ ڏي دل جي در،
غم هن سُتل، ياد نہ ڪر.

'ساجد' انڌاري رات ۾،
اک جو ڪجل، ياد نہ ڪر.







درد تنهنجا پنهنجو ڪفن ڪيم،
زندگي جي لحد ۾ دفن ڪيم.

ياد ديوار تہ من مڪان آ،
سوچ جيون سندي صحن ڪيم.

ماربو جي پيو موت مارٽو،
پاڙبو جو توسان وچن ڪيم.

ها ڇپائين افسوس جو پرين!
ڪين گيسو تولئہ گگن ڪيم.

پيار جا گل مرجهائجي ويا،
بس خزان ئي دل جو چمن ڪيم.

ڪيئن وسرن ڳوڙها، هجر گهڙي،
بات، ياڪر، بوسا بدن ڪيم.

چند 'ساجد' سوَ ياد جا ڪڙيا،
پوبہ جاري شعر و سخن ڪيم.





پاڻ ڪيڏو ٿا روليو شهر ۾،
نيڻ ڪنهن کي ٿا ڳوليو شهر ۾.

آس ان تي تڙپي مئي دل چري،
ڪٿ ملي ڪو من ڀوليو شهر ۾.

لفظ ڪنهن ها لکيا لفافي مٿان،
خيال سان خط کي کوليو شهر ۾،

محبتن جا پيا گيت جهونگارجن،
ٻول اهڙو ڪو ٻوليو شهر ۾،

اڄ نئون ڪو فسانو جڙي آ پيو،
تو وري ڪجهه جابوليو شهر ۾.

هي ٻہ ’ساجد‘ سمجهو ڪچي سُٽَ جيان،
ڪيس چو ٿا چاچوليو شهر ۾.





شهرِ قاتل جي ٻونڪ تي ٻڌجي پئي،
بند ٻورين ۾ لاش ڳالهائين ٿا.
پاڻ دعويٰ، ڏرتي ڏٽين جي ٿا ڪن،
ڪوڙ ڪيڏا بدمعاش، ڳالهائين ٿا.

مزو ماڻيو، پسيو رسِ چس، ڪلاڙي ڪيڏ ڪيڏن ٿا.
متل مانڊاڻ آ چوڏس، ڪلاڙي ڪيڏ ڪيڏن ٿا.
مفادن جي رچي ٿي راند، ڪي قاتل وري ٿيا گڏ،
رهيو پنهنجي نہ ڪجھ ڀي وس، ڪلاڙي ڪيڏ ڪيڏن ٿا.



يار! ملندي زندگي، نيڻن جي نيري سمنڊ ۾،
تون ڪَرڻ ڏي خودڪشي، نيڻن جي نيري سمنڊ ۾.

ڪائناتي رنگتيون ڀي سڀ ڳَني جي تون هجين،
ساڻ هلندي هرخوشي، نيڻن جي نيري سمنڊ ۾.

مان جڏهن ٻڪ ۾ ڀري ٿو مڪ مٽي تنهنجو پسان،
"رقص ۾ آ چاندني"، نيڻن جي نيري سمنڊ ۾.

سو پڙاڏن جيان ڪٿان ڪان مون ٻڌو آواز هو،
"ڏور مون ڪان تون نہ ٿي"، نيڻن جي سمنڊ ۾.

ڪاش ڪو چهرو چوي ها، اڄ ڀلا ساجد ڪٿي،
ڪر بہ ويهي بندگي، نيڻن جي نيري سمنڊ ۾.









هو هليو ويو موت کي ڳل لائي،
مون مڃيو پر مَن کي ڪو سمجهائي.

خواهشون پنهنجون مروڙي چڏ سيئي،
ڏي اسان کي زندگي موٽائي.

آٿتن جي چانو ڏي گهلن پيا،
شخص کي"عمران" کي دفنائي.

دوستو مون ڪان رُسي آ هو ويو،
آهي ڪو جو يارڏي پرچائي.

اي خدا تنهنجو وجي ٿي چا ها،
جي جواني موڙ ها پارائي.

هو اجان تصوير ۾ مرڪي پيو،
پر اسان سان ڪين ٿو ڳالهائي.



پنهنجي نندي ڀاءَ عمران جي مرتئي تي لکيل

چاڙ ٽڪرا ٽيس، ديد_ تلوار ۾،
در ورائي وري تي ڏسي ڏار ۾.

مون ته تنهنجي هٿن کي ڇهڻ تي گهريو،
توته اوتي ڇڏيو، خوامخوا پيار ۾،

ايئن منهنجي اکين کان نه اوجهل ٿجان،
نوڪرون ٿو ڏسان، گم ٿيل ٻار ۾.

چوڏسا پيار جو سمنڊ ڇوليون هٽي،
نيڻ ٻوٽي ڇڏيا، سونهن سنسار ۾،

خوش گذاريون پيا، ٻئي انهي رازم،
"جيت تنهنجي سدا!، مان سدا هار ۾"

پوءِ 'ساجد' اوهان کان پري چو ٿئي!
ٿورڙي رس پريو، يار گفتار ۾.







ڪجھ ته منهنجي به ٿي زندگي،
آهه لوڙيو سڄي زندگي.

خواب ڪيسين لِڪائي رکان،
زندگيءَ کان رُٺي زندگي.

ڪنهن به توکي نه پنهنجو ڪيو،
هَٿ ڇَڏائي وئي زندگي.

ﺀِ خدا تو ڏنو ئي ته ڇا،
دل اُجاري، ٻکي زندگي.

ڪيئن تنهنجو سڏايان ڀلا،
ساڻ ناهي رهي زندگي.

دل چري نيت ڇِتجي مئي،
راهه ۾ جو رکي زندگي.

اوپري مرڪ مرڪي پئي،
واٽ ويندي ملي زندگي.

ها وري ڪاله وچ روڊ تي،
گونج گولين ڪسي زندگي.

# سمبارا پبليڪيشن پاران شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. هاءِ هنيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي | 200/- |
| 2. سمنڊ ۾ سپ | (شاعري) | سرڪش سنڌي | (ختم ٿيل) |
| 3. اڌوري رچنا | (شاعري) | منظور سمون | 50/- |
| 4. ٻاراڻي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | هاشم لطيفي | 300/- |
| 5. شاهه عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين | (ختم ٿيل) |
| 6. هوائن جي هندوري ۾ | (شاعري) | وفا عظيم جلباڻي | 200/- |
| 7. اوجاڳيل آڱريون | (شاعري) | امر منصور چوهاڻ | (ختم ٿيل) |
| 8. مُرڪون محبوبن جون | (شاعري) | ”شاد“ جلباڻي | 150/- |
| 9. رڻ رڙيون ٿو ڪري | (شاعري) | نسرين الطاف | 200/- |
| 10. غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو | 200/- |
| 11. شاهه لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ | 250/- |
| 12. ڪنيس ڪويجن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري | 200/- |
| 13. دادلوءِ: تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين”فدا“ | (ختم ٿيل) |
| 14. سوڀرن جا اُلڪا | (شاعري) | ملزم سومرو | 200/- |
| 15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريڊيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي | (ختم ٿيل) |
| 16. مٽيءَ جو آسمان | (شاعري) | علي اظهار | 150/- |
| 17. ڇا؟ | (شاعري) | منظور سمون | 50/- |
| 18. سار جا رستا | (شاعري) | فرحان اجڻ | 200/- |
| 19. اکين ۾ مند مينهوڳي | (شاعري) | سائل پيرزادو | 200/- |
| 20. سُڌِ سڄل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي | 200/- |
| 21. بڇھڙي آنکھ کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو | 150/- |
| 22. ٻانڌي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي | 300/- |
| 23. پياسيءَ جون پڪارون | (شاعري) | شاهن ”پياسي“ گبول | 400/- |
| 24. هينئڙي منجهه هڳاءِ | (شاعري) | مخمور رضا | 200/- |
| 25. اُماس راتيون اداس رستا | (شاعري) | فهميده شرف بلوچ | 300/- |
| 26. دل صحراء سمنڊ اکيون | (شاعري) | شاد جلباڻي | 150/- |
| 27. ڀھ ڀھ ڪنڌڙ ٻالڪ | (ٻاراڻي شاعري) | اويس ڀٽو | 50/- |
| 28. انگلش گرامر | (گرامر) | علي رضا سيال | 150/- |
| 29. فوٽو گرافر جي آتم ڪٿا | (آتم ڪٿا) | غلام علي ڪوساٽي | 400/- |







| | | | |
|---|---|---|---|
| 30. جانورن جو واڙو | (پرڏيهي ناول) | اياز ڀٽو | (ختم ٿيل) |
| 31. گيڙوءِ رتا خواب | (شاعري) | واحد سوز ملاح | 250/- |
| 32. من گهريو مشتاق بخاري | (مضمون/تاثرات) | احسان راهوجو | 150/- |
| 33. مُنهنجي مُٺي ڪانپوءِ | (شاعري) | زخمي چانڊيو | 400/- |
| 34. جيئڻ جنين ڪاڻ | (ڪهاڻيون) | اقبال بلوچ | 200/- |
| 35. شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعر | (تحقيق) | شبير پيراهين | 300/- |
| 36. تاريخ گبول بلوچ | (تحقيق) | شبير حسن گبول | 600/- |
| 37. ڪوي ڪشمور جا | (شاعري) | ساحر سليم اوڳاهي | 250/- |
| 38. افضل عورت | (اسلامي معلومات) | ربڏنو خاصخيلي | (ختم ٿيل) |
| 39. روح جون رولاڪيون | (شاعري) | صالح عباسي | 200/- |
| 40. سنڌ جي مزاحمتي شاعري | (شاعري) | پاويل جوٽيجو | 300/- |
| 41. اوٺويهه عالمي ڪهاڻيون | (عالمي ڪهاڻيون) | عبدالخالق سنديلو | 150/- |
| 42. ڪوهيڙي جي ڇُمي | (شاعري) | ماڻڪ ملاح | 150/- |
| 43. چانهوڻ مٿان چنڊ | (شاعري) | علي نواز ڏاهري | 250/- |
| 44. آس جا گل تياس تي | (شاعري) | ملهار سنڌي | 200/- |
| 45. عشق اياڻو | (شاعري) | جاويد جوکيو | 100/- |
| 46. تيري ياد | (اردو شاعري) | ساون وگهيو | 150/- |
| 47. Speeches | | طاهر حسين رانداڻي ۽ محمد عمران شيخ | 100/- |
| 48. جاڳ ازل جي | (شاعري) | جاويد سوز هالائي | 200/- |
| 49. مرگهه اجارا نيڻ | (شاعري) | شاهد حميد | 250/- |
| 50. سمبارا | (شاعري) | ساجد سنڌي | 200/- |
| 51. پارسائي جون حدون | (شاعري) | امداد سولنگي | 250/- |
| 52. اوسيئڙو ۽ آس | (شاعري) | جبار تاثير سومرو | 250/- |
| 53. دمِ ديدار مي رقصم | (شاعري) | حفي الحفيظ ”الحفن“ | 300/- |
| 54. شڪارپور تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | حسيب ناياب منگي | 300/- |
| 55. حسن سرڪار | (شاعري) | صوفي حقداد ”نوشاد“ ٻلڪاڻي | 400/- |
| 56. گيت منهنجا غزل | (شاعري) | ٻهر الدين ٻهر شنياڻي | 130/- |
| 57. ڪنول ڪِ ۾ چنڊ | (شاعري) | مير محمد پيرزادو | 300/- |
| 58. اندر ڪارو ڪانءُ | (ڪهاڻيون) | جبار آزاد منگي | 250/- |
| 59. پوتر تا-پڇتاءُ | (ڪهاڻيون) | تسليم سحر | 200/- |
| 60. درد جو آڪاس | (شاعري) | مخمور رضا | 200/- |

ساجد سنڌيءَ جي شاعري ۾ جذبن جو نقطہ نظر چٽو هوندو آهي، سندس لکڻ سان عشق سالن کان هلندو پيو اچي، اهو لفظن جو عشق ئي آهي جيڪو ساجد کان لکرائيندو اچي پيو، شاعري جو هي دور گل و بلبل جي فرضي قصن جو ناهي بلڪ حقيقت ۽ جدت جو آهي، ساجد جي شاعري جدت جو بهترين نمونو آهي جنهن ۾ مون کي حسن، عشق ۽ سادگي جو پرتو نظر ايندو آهي، ساجد جي اظهار جي اها خوبي آهي تہ چهرا ۽ دليون پڙهي وٺي ٿو، ڏک، وڇوڙو ۽ رومانيت ساجد جي شاعري جو حصو آهي. ساجد جا غزل تہ ڌيان ڇڪائيندڙ آهن ئي سهي پر ان سان گڏ وگڏ نظم تي بہ ساجد جي گرفت تمام گهڻي مضبوط نظر اچي ٿي، منهنجون دعائون ساجد ۽ سمبارا سان گڏ آهن.

**فهميده شرف بلوچ**

ساجد! تنهنجي گلڪاري ڏاڍي سهڻي، موهہ رکندڙ آهي، سمبارا کان ٻاهر بہ توکي پنهنجو حسن آهي، تنهنجي ياريءَ جي ٽاري سدا سائي ۽ ڦلدار رهي. مان 25 سالن کان توکي پنهنجي روح اک سان ڏسي رهيو آهيان. تنهنجو نظم هاڻي ڦلواري سمان لڳي ٿو ۽ غزل ۽ وائيءَ ۾ تون چٽا اچار رکندڙ ڪوي ٻڻجي درسني آڏو اچي بيٺو آهين. خدا ڪري توکي وقت اک پٽي ڏسي سگهي.

**آس ٻبر**

معصوم صورت وارو هيءُ معصوم شاعر پنهنجي شاعريءَ سان گڏ پنهنجي مزاج ۾ پڻ معصوميت رکي ٿو، ساجد سنڌي پنهنجي منفرد اظهار سان شاعراڻن موضوعن ۾ جيڪا نواڻ آندي آهي، انهيءَ سندس شاعريءَ کي وڌيڪ سونهن بخشي آهي.

**شبانہ سنڌي**







ساجد سنڌيءَ جي شاعري ۾ جذبن جو نقطہ نظر چٽو هوندو آهي، سندس لکڻ سان عشق سالن کان هلندو پيو اچي، اهو لفظن جو عشق ئي آهي جيڪو ساجد کان لکرائيندو اچي پيو، شاعري جو هي دور گل و بلبل جي فرضي قصن جو ناهي بلڪ حقيقت ۽ جدت جو آهي، ساجد جي شاعري جدت جو بهترين نمونو آهي جنهن ۾ مون کي حسن، عشق ۽ سادگي جو پرتو نظر ايندو آهي، ساجد جي اظهار جي اها خوبي آهي تہ چهرا ۽ دليون پڙهي وٺي ٿو، ڏک، وڇوڙو ۽ رومانيت ساجد جي شاعري جو حصو آهي. ساجد جا غزل تہ ڌيان ڇڪائيندڙ آهن ئي سهي پر ان سان گڏ وگڏ نظم تي بہ ساجد جي گرفت تمام گهڻي مضبوط نظر اچي ٿي، منهنجون دعائون ساجد ۽ سمبارا سان گڏ آهن.

فهميده شرف بلوچ

ساجد! تنهنجي گلڪاري ڏاڍي سهڻي، موهہ رکندڙ آهي، سمبارا کان ٻاهر بہ توکي پنهنجو حسن آهي، تنهنجي ياريءَ جي ٽاري سدا سائي ۽ ڦلدار رهي. مان 25 سالن کان توکي پنهنجي روح اک سان ڏسي رهيو آهيان. تنهنجو نظم هاڻي ڦلواري سمان لڳي ٿو ۽ غزل ۽ وائيءَ ۾ تون چٽا اچار رکندڙ ڪوي ٻڻجي درسني آڏو اچي بيٺو آهين. خدا ڪري توکي وقت اک پٽي ڏسي سگهي.

آس ٻبر

معصوم صورت وارو هيءُ معصوم شاعر پنهنجي شاعريءَ سان گڏ پنهنجي مزاج ۾ پڻ معصوميت رکي ٿو، ساجد سنڌي پنهنجي منفرد اظهار سان شاعراڻن موضوعن ۾ جيڪا نواڻ آندي آهي، انهيءَ سندس شاعريءَ کي وڌيڪ سونهن بخشي آهي.

شبانہ سنڌي